ABC Certified
REG NO. 3833
ايڊيٽر
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 06 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 21 جمادي الاول 1445هه (قيمت 05 رپيا) شمارو 190

امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي، چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهيون: مولانا فضل الرحمان

چونڊن جي لاءِ هر وقت تيار آهيون پر اسان کي چونڊن جو ماحول ڏنو وڃي. لاهور ۾ ته سڀ ڪجهه صحيح آهي پر اسان جي طرف امن امان جي صورتحال خراب آهي

باجوڙ سانحي کان پوءِ اسان جا 5 ڪارڪن شهيد ٿي چڪا آهن. 2 صوبن ۾ رڪارڊ بدامني آهي. ڊي آءِ خان، ٽانڪ ۽ لکي مروت ۾ پوليس نه آهي

ڊيره اسماعيل خان ۽ ٽانڪ سميت ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ رات جو پوليس جي بجاءِ روڊن تي هٿياربند ماڻهو هوندا آهن. چا اهڙي ماحول ۾ چونڊ مهم هلائي سگهجي ٿي

اسان مسلم ليگ(ن) سان ملي تحريڪ هلائي آهي، انهن سان آئنده به تعلق برقرار رکڻ چاهيون ٿا. اسان چونڊن ۾ (ن) ليگ سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪنداسين

مسلم ليگ(ن) سان چونڊن جي حوالي سان ڪميٽيون جوڙي ڇڏيون آهن. ٻنهي پارٽين ۾ اتفاق ٿي ويو آهي، اسان هاڻ بنيادي اتحادي ٻڻجي چڪا آهيون

ڪنهن ٻئي پارٽي جي اندروني معاملن تي نه ڳالهائيندس. پر تحريڪ انصاف سياسي پارٽي نه آهي. پي ٽي آءِ پارٽي نه پر هڪ ڦوڪٽو هو جنهن ۾ هوا ڀري وئي هئي: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر) جمعيت علماءِ اسلام(ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته چونڊن جي لاءِ هر وقت تيار آهيون پر اسان کي چونڊن جو ماحول ڏنو وڃي. لاهور ۾ ته سڀ ڪجهه صحيح آهي پر اسان جي طرف امن امان جي صورتحال خراب آهي. اهڙي بدامني جي صورتحال ۾ چونڊون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون. صحافين سان ڳالهيون ڪندي جي يو آءِ اڳواڻ چيو ته باجوڙ سانحي کان پوءِ اسان جا 5 ڪارڪن شهيد ٿي چڪا آهن. 2 صوبن ۾ رڪارڊ بدامني آهي. ڊي آءِ خان، ٽانڪ ۽ لکي مروت ۾ پوليس نه آهي. ڊيره اسماعيل خان ۽ ٽانڪ سميت ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ رات جو پوليس جي بجاءِ روڊن تي هٿياربند ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پي ٽي آءِ چيئرمين کان پوءِ هاڻ نواز شريف لاڏلو ٻڻجي چڪو آهي: آصف زرداري

ريڊ ڪارپيٽ لاڏلن جي لاءِ وڇايو ويندو آهي. اسان جي لاءِ نه. اسان کي ڪنهن ٻئي جا نه پر عوام جا دل کٽڻا آهن

عام چونڊن ۾ گهٻرائڻ جي ضرورت نه آهي پر هاڻ اسان کي مقابلو ڪرڻو آهي. لاهور ۽ پنجاب جي هر تڪ تان سٺا اميدوار آڻڻا آهن ۽ چونڊون کٽي بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻائڻو آهي

پيپلز پارٽي جي قيادت اميدوارن جو ڀرپور ساٿ ڏيندي جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري پنجاب جي 9 ڊويزنن ۾ ڪوٽايل ڪنوينشنن کي خطاب ڪندو

پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري لاهور ۾ پنجاب ۽ لاهور جي قيادت سان ملاقات ڪئي

اجلاس دوران اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف کي چونڊن ۾ ٽڪيٽ جي خواهشمند اميدوارن جي انٽرويوز لاءِ نامزد ڪيو ويو

اجلاس دوران اهو طئي ڪيو ويو ته راجا پرويز اشرف صوبائي ۽ ضلعي عهديدارن سان ملي انٽرويو ڪندو

لاهور (م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين کان پوءِ هاڻ نوازشريف لاڏلو ٻڻجي چڪو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري لاهور ۾ پنجاب ۽ لاهور جي قيادت سان ملاقات ڪئي جنهن دوران اينڊڙ عام چونڊن جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پيپلز پارٽي جو شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري اجلاس دوان ڳالهائيندي

اوگرا چيئرمين خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي

ڪراچي ۾ ايل پي جي غيرقانوني طريقي سان وڪرو ٿي رهي آهي: مسرور خان

غير معياري سلينڈر ۽ صحت لاءِ نقصانڪار گئس جي استعمال سان قيمتي جانين جو نقصان ٿي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) اوگرا چيئرمين مسرور خان خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مسرور خان جي شهر ۾ ايل پي جي جي غير معياري وڪري جو اعتراف ڪيو هن چيو ته ڪراچي ۾ ايل پي جي غيرقانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن کي چئلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ اليڪشن رڳو ڏيکاءُ ڪوڙ ۽ اليڪشن ڪميشن کي دوکو ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش هئي: درخواست

پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ايڪٽ 217 جي سيڪشن 208 ۽ مانحت شق 2 جي ڀڃڪڙي آهي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي انٽرا پارٽي اليڪشن چئلينج ڪئي وئي، پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر اليڪشن ڪميشن ۾ باضابطا درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

بجلي 3 رپيا 5 پئسا في يونٽ مهانگي، نوٽيفڪيشن جاري

اڳهن ۾ واڌ آڪٽوبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي: نوٽيفڪيشن جو متن

آڪٽوبر ۾ 9 ارب 50 ڪروڙ يونٽ بجلي پيدا ڪئي وئي، جيڪا ريفرنس کان گهٽ آهي

آڪٽوبر جي فيول ڪاسٽ ايڊجسٽمينٽ ۾ 3 رپين کان وڌيڪ في يونٽ رهتن جي مد ۾ شامل ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) بجلي جي اڳهه ۾ وڌيڪ واڌ ڪري ڇڏي. نيپرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اڳهن ۾ واڌ آڪٽوبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻهو به عام انسانن وانگر ئي هوندا آهن: محمد احمد شاهه

جا نمونا ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪيترا باصلاحيت ۽ لائق آهن

اسان سڀني جو فرض آهي ته انهن ٻارن جي صلاحيتن جو اعتراف ڪريون ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي

سنڌ جو وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر عام ماڻهو جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ پرعزم آهي ۽ اسان ان ڪم ۾ سندس ساٿ ۽ مددگار آهيون

ڪراچي: صوبائي وزير محمد احمد شاهه آرٽس ڪائونسل ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير محمد احمد شاهه مختلف صلاحيتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي آرٽس ڪائونسل ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻهو به عام انسانن وانگر ئي هوندا آهن. انهن ۾ ذهانت ۽ صلاحيت هوندي آهي ۽ آرٽس ڪائونسل ۾ انهن جي هٿ جي هنر ۽ فن جا نمونا ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪيترا باصلاحيت ۽ لائق آهن. هن چيو ته اسان سڀني جو فرض آهي ته انهن ٻارن جي صلاحيتن جو اعتراف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عوام مٿان بجلي کان پوءِ گئس بم به ڪيرائڻ جون تياريون

سوئي ناردرن گئس وڌيڪ 137.62 سيڪڙو مهانگي ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي

سوئي ناردرن طرفان گئس 1715 رپيا في ايم ايم بي ٽي يو مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي

گئس جي قيمت ۾ واڌ پهرين جولاءِ 2023ع کان گهري وئي

اسلام آباد (م ر) سوئي ناردرن گئس ڪمپني (ايس اين جي سي) گئس وڌيڪ مهانگي ڪرڻ جي تياري ڪري ورتي. سوئي ناردرن گئس وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

"16 Days of Activism
Gender Based Violen
for Elimination of Har
Helpline: 0344

اسلام آباد: ڊاڪٽر عارف علوي منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي

آمريڪي جيل ۾ قيد ڊاڪٽر عافيه
صديقي کي به ڀيرا جنسي زيادتي
جو نشانو بڻائڻ جو انڪشاف

لاهور (م ر) آمريڪي جيل ۾ قيد ڊاڪٽر عافيه صديقي کي به ڀيرا جنسي زيادتي جو نشانو بڻائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

آمريڪي جيل ۾ قيد ڊاڪٽر عافيه صديقي

بجلي ڪمپنين جا عوام ڏانهن اماڻيل واڌو بل ثابت، نيپرا ڪارروائي جو اعلان ڪري ڇڏيو

نيپرا پاران شروع ڪيل جاچ ۾ ملڪ جي سمورين بجلي ڪمپنين تي اوور بلنگ ثابت ٿي وئي

نيپرا طرفان بجلي ڪمپنين خلاف ڪارروائي جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر) ڪي اليڪٽرڪ سميت ٻين بجلي ڪمپنين طرفان صارفين ڏانهن ايوريج بل موڪلڻ ۽ 30 ڏينهن کان وڌيڪ اوور بلنگ اماڻڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مناسب اڳهن تي پاڻ نه ملڻ سان ڪڻڪ جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي: سنڌ آبادگار بورڊ

پيداوار ۾ واڌ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڀاڻ ۽ ٻين شين جي اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءُ ورتا وڃن

بحران جي ور چڙهيل معيشت ۽ بنا ڪنهن سپورٽ جي، زرعي شعبو گذريل سال جي پيٽ ۾ هن سال قومي معيشت ۾ 3 کان 5 ارب ڊالرز جي واڌ ڪندو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ آبادگار بورڊ چيو آهي ته هن وقت جڏهن ڪڻڪ جي پوک ٿي رهي آهي اهڙي اهم وقت ۾ جيڪڏهن آبادگارن کي مناسب اڳهن تي پاڻ نه ملندو ته ان سان ڪڻڪ جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي نتيجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حيدرآباد: سنڌ آبادگار بورڊ جو صدر محمود نواز شاهه ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

شهدادپور پرسان عدالت مان شنوائي
تان واپس موٽندڙن مٿان هٿياربندن
جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور پرسان پرهون روڊ تي ڳوٺ گل محمد سهتو وٽ شهدادپور جي عدالت مان شنوائي ڏئي موٽرسائيڪل تي واپس ڳوٺ خيرو سنجراڻي ويندي هٿياربندن ڪيس رڪي لليون هڻڻ کان پوءِ فائرنگ ڪري 50 ورهين جي حسين بخش عرف ارباب ڪيريو کي ڪلڏي تي قتل ڪري مزاحمت تي سائنس گڏ غلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جاويد لطيف جنرل (ر) باجوه کي عدالت گهرائڻ واري موقف جي حمايت ڪري ڇڏي

عدالت ۾ آمريڪي سفير کي ته نه پر (ر) جنرل باجوه کي ته گهرائي سگهون ٿا جيئن عمران خان جا ڪرتوت سامهون اچي سگهن: جاويد لطيف

فيض حميد، لطيف کوسا ۽ ثاقب نثار کي ته ضرور اتي گهرائي سگهجي ٿو ته عمران خان جي ڪرتوتن جي خبر پئجي سگهي

پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين ڌمڪي ڏئي شيخ مجيب الرحمان بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

لاهور (م ر) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ جاويد لطيف عمران خان جي جنرل باجوه کي عدالت گهرائڻ واري موقف جي حمايت ڪري ڇڏي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: ليگ(ن) اڳواڻ جاويد لطيف صحافين سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ سون جي
قيمت ۾ سوين
رپيا گهٽتائي

ڪراچي (م ر) ملڪ سون جي قيمتن ۾ سوين رپيا گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ريپو وڌيڪ مضبوط، آمريڪي ڊالر جو قدر وڃائڻ جو سلسلو جاري

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 15 پئسا سستو ٿيو، ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جو اگهه 284 رپيا 38 پئسا آهي: اسٽيٽ بئنڪ

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 25 پئسا گهٽجڻ سان 285 رپيا 25 پئسا آهي

ڪراچي (م ر) ملڪ ۾ ريپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل اڳهن اڪرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي نااهلي بابت ڪيس جو فيصلو محفوظ

اسان انٽرا پارٽي چونڊن جو رڪارڊ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي: شعيب شاهين

قانوني طور تي اهو معاملو ختم ٿي ويو ڇو ته پارٽي جو نئون چيئرمين مقرر ٿي ويو آهي

اسلام آباد (م ر) اليڪشن ڪميشن اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي نااهليت بابت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. چيف اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عادل راجه کي لنڊن پوليس گرفتار ناهي ڪيو: ترجمان

گرفتاري جي آزاداڻي ذريعن کان تصديق نه ٿي سگهي هئي

برطانوي پوليس به عادل راجه جي گرفتاري جي خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي

لنڊن (م ر) پاڪستاني ادارن خلاف مهم هلائڻ جي الزام هيٺ ڪورٽ مارشل ٿيل اڳوڻي فوجي آفيسر ۽ يوٽيوبر عادل راجا لنڊن ۾ پنهنجي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پي ٽي آءِ ۾ شموليت جي دعوت ناهي ملي، هو منهنجي طبيعت کان واقف آهن: اعتزاز حسن

صرف (ن) ليگي چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن. سائفر ڪيس سڀني کان وڌيڪ آهي

خط جو اصل مخاطب آرمي چيف هو، هي ڪيس ٻڏي آهي، هن ۾ سيڪريٽ ڇا آهي.؟

جيڪي ماڻهو چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن اهي صرف (ن) ليگي اڳواڻ آهن. ميان صاحب هتي اچي ڦاسي ويو آهي

لاهور: سينئر وڪيل اعتزاز احسن لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي

لاهور (م ر) سينئر وڪيل اعتزاز احسن چيو آهي ته صرف(ن) ليگي چونڊن کان ڀڄي رهيا آهن. سائفر ڪيس سڀني کان وڌيڪ آهي. مون کي پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پارلياماني بورڊ اجلاس،
اليڪشن جون تياريون
تيز ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ پارلياماني بورڊ سنڌ جو اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لکين نان فائلرز کي نوٽيس جاري، ايندڙ مرحلي ۾ موبائل فون سم بلاڪ ڪرڻ جو فيصلو

ٽيڪس گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙن کي نوٽيس آءِ ايم ايف جي رهنمائي کان پوءِ جاري ڪيا ويا آهن: ايف بي آر ذريعا

ٽيڪس گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙن کي چيو ويو آهي ته اهي فوري طور تي گوشوارا جمع ڪرائين

اسلام آباد (م ر) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) 7 لک کان ڏيڪ نان فائلرز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. ايف بي آر ذريعن موجب ٽيڪس گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙن کي نوٽيس آءِ ايم ايف جي رهنمائي کانپوءِ جاري ڪيا ويا آهن. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پشاور: ورسڪ روڊ تي نجي بينڪ ۽ اسڪول ويجهو ڌماڪو، 3 ٻارن سميت 7 ڄڻا زخمي

ورسڪ روڊ تي نجي بينڪ ۽ اسڪول ويجهو روڊ ڪناري تي لڳل ڌماڪيدار مواد ڦاٽي پيو

ڌماڪي سبب بينڪ جا شيشا ٽٽي پيا ۽ ويجهين دوڪانن کي به نقصان پهتو

ڌماڪي جي اطلاع ملي آهي، ريسڪيو ٽيمون ۽ سيڪيورٽي اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا آهن: پوليس

پشاور (م ر) ورسڪ روڊ تي نجي بينڪ ۽ اسڪول ويجهو ڌماڪي جي نتيجي ۾ 3 ٻارن سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. پشاور جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پشاور: ورسڪ روڊ تي نجي بينڪ ۽ اسڪول ويجهو ڌماڪي بعد اهلڪار بيٺل آهن

ڪشمور پوليس آپريشن،
گورو شر کي مارڻ جي
پوليس پاران دعويٰ

ڪشمور(رپورٽر) گيهلپور واري علائقي ۾ آپريشن دوران پوليس بدنام ڌاڙيل کي مارڻ جي دعويٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ 2 ڄڻا مارجي ويا

اورنگي ٽائون علي ڳڙهه بازار ۾ فائرنگ سبب سليم نالي شخص مارجي ويو

مقتول گهر ۾ داخل ٿي رهيو هو ته نامعلوم ماڻهن سندس مٿان فائرنگ ڪري ڏني

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ سبب 2 ڄڻا مارجي ويا آهن پوليس موجب اورنگي ٽائون علي ڳڙهه بازار ۾ فائرنگ سبب سليم نالي شخص مارجي ويو. مقتول گهر ۾ داخل ٿي رهيو هو ته نامعلوم ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسٽاڪ ايڪسچينج بلندين تي، انڊيڪس 63 هزار جي سطح به پار ڪري ويو

پهريون ڀيرو 63 هزار ٽيو پر ڪاروبار جي پڄاڻي 462 پوائنٽن جي واڌ سان 62 هزار 956 تي ٿي

100 انڊيڪس ڪاروبار جي پڄاڻي کان ڪجهه منٽ اڳ پنهنجي تاريخ جي بلند ترين سطح 63 هزار 36 به ڇهي

بازار ۾ 76 ڪروڙ 54 لک شيئرز جا سودا ٿيا، جن جي ماليت 30 ارب 85 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رهي

ڪراچي (م ر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار دوران 100 انڊيڪس نئين تاريخي بلندي حاصل ڪري ورتي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس اڳاري ڏينهن پهريون ڀيرو 63 هزار ٽيو پر ڪاروبار جي پڄاڻي 462 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

غيرقانوني هٿيار ۽ شراب رکڻ جو ڪيس: علي امين گنڊاپور اشتهاري قرار

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ اڳوڻي وفاقي وزير علي امين گنڊاپور جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

پراسيڪيوٽر ۽ جاچ آفيسر ڪيس جو رڪارڊ کڻي عدالت ۾ پيش ٿيا پر علي امين گنڊاپور ۽ سندس وڪيل راجا ظهورالحسن پيش نه ٿيا

اسلام آباد (م ر) عدالت غيرقانوني هٿيار ۽ شراب رکڻ جي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي اڳواڻ اڳوڻي وزير علي امين گنڊاپور کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ اڳوڻي وفاقي وزير علي امين گنڊاپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان هميشه خاور مانيڪا جي غير موجودگي ۾ بشريٰ بي بي سان ملڻ ايندو هو: گهريلو ملازم جو بيان قلمبند

بشريٰ بي بي جي ڪمري ۾ ويندو هئس ته اڳوڻو پي ٽي آءِ چيئرمين مون کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو

مان خاور مانيڪا وٽ گذريل 35 سالن کان پراڻو گهريلو ملازم آهيان ان جي لاءِ مون سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه پردو نه آهي

خاور مانيڪا ڪسٽم ۾ ملازم هو، مختلف جڳهين تي سندس پوسٽنگ ٿيندي رهندي هئي

اسلام آباد (م ر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ ان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي خلاف غير شرعي نڪاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پشاور: گورنر ڪي پي ڪي حاجي غلام علي يتيمن ٻارن سان ملاقات ڪندي

نائي واري وزارت اليڪشن ڪميشن
کي عام چونڊن لاءِ 17 ارب 40
ڪروڙ روپيه جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ر) ناڻي واري وزارت عام چونڊن جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي وڌيڪ فنڊ جاري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

هاڻ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ذاتي مفاد پرستن جي لالچ ۾ نه ايندا: اياز لطيف

ڪراچي اسان جي دل، دماغ، شاهه رڳ، تخت گاهه آهي

تون کان سواءِ سنڌ تصور ڪونهي توڻ سنڌ جي ڪڇي ۽ ڪڇي جو نولکو هار آهين

ڪراچي (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي ۾ جون ايليا ڪانفرنس ۽ ثقافتي ڏهاڙي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد ۾ ماحولياتي نموني ۾ پوليو وائرس جي تصديق

قاسم آباد پمپنگ اسٽيشن تان ورتل نموني ۾ وائرس جي تصديق ٿي هئي

پوليو وائرس جي تصديق لاءِ سيمپل ورتو ويو هو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ اڍائي سالن کانپوءِ ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جو چوڻ آهي ته حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

افغانين جي نيڪالي خلاف درخواست وفاق ۽ صوبائي حڪومتن کي نوٽيس جاري

سپريم ڪورٽ اٽارني جنرل کي عدالت جي مدد لاءِ طلب ڪري ورتو

آئيني تشريح جي ڪيسن جي ٻڌڻي گهٽ ۾ گهٽ 5 رڪني لارجر بينچ ڪندي: حڪمنامي جو متن

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ افغان شهرين جي نيڪالي خلاف درخواست ايندڙ هفتي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪندي وفاق ۽ صوبائي حڪومتن کي نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

رسول آباد جي ڳوٺ ڀيڙو گهانگهرو جي رهواسين جو احتجاج

غلام نبي گهانگهرو پنهنجي پٽ ميان داد گهانگهرو غلام اڪبر گهانگهرو امام ڏنو گهانگهرو احتجاج ڪيو

بااثر اسان جي خاندان مٿان ڊگهي عرصي کان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيا آهن

شاهه جي مشين (رپورٽر) رسول آباد جي ڳوٺ ڀيڙو گهانگهرو جي رهواسين غلام نبي گهانگهرو پنهنجي پٽ ميان داد گهانگهرو غلام اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شاهه جي مشين: ڳوٺ ڀيڙو گهانگهرو جا رهواسي احتجاج ڪندي

اڍائي مهينن کان گم آفتاب قتل ڪيس ۾ ملوث هئڻ جو انڪشاف

عدالت ۾ ٻڌڻي دوران پوليس آفتاب بروهي بابت جاچ رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

25 سيپٽمبر تي پوليس مون کي ۽ پاڻ آفتاب سميت گرفتار ڪيو هو: وڪيل

ڪراچي(رپورٽر) اڍائي مهينن کان گم آفتاب بروهي قتل ڪيس ۾ ملوث هئڻ جو انڪشاف. اڍائي مهينن کان گم آفتاب بروهي قتل ڪيس ۾ ملوث هئڻ جو انڪشاف ٿيو آهي.عدالت ۾ ٻڌڻي دوران پوليس آفتاب بروهي بابت جاچ رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڀارتي هوائي فوج جو تربيتي جهاز ڪريش، 2 پائليٽ مارجي ويا

حادثو تلنگانا رياست جي ميدڪ ضلعي ۾ پيش آيو، تربيتي جهاز حيدرآباد جي ايئرفورس اڪيڊمي کان معمول جي تربيتي اڏام لاءِ روانو ٿيو هو

اڏام دوران جهاز کي هوا ۾ حادثو پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ ٽرينر ۽ ٽرين پائلٽ فوت ٿي ويا

پي سي سيون ايم کي جهاز سورتي طرف ڪري تباهه ٿي ويو، جنهن ۾ هئي پائليٽ سخت زخمي ٿي پيا

نئين دهلي (م ر) ڀارتي هوائي فوج جو تربيتي جهاز اڏام دوران ڪري تباهه ٿي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ جهاز ۾ سوار ٻه پائليٽ مارجي ويا. ڀارتي ميڊيا موجب حادثو تلنگانا رياست جي ميدڪ ضلعي ۾ پيش آيو، تربيتي جهاز حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ٺٽو: پبلڪ اسڪول مڪلي ۾ بهترين اسپورٽس فيسٽيول منعقد

گورنمنٽ ڪلسٽر پبلڪ پرائمري اسڪول مڪلي جي ٻارن ۾ بهترين صلاحيتون موجود آهن: ايس ايس پي

جلد ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو سان گڏجي هن اسڪول ۾ اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪنداسين

اسڪول جي هيڊ مسٽريس ميڊم زينب شاهين، ڊپٽي هيڊ شميرا جاويد سميت اسڪول جون ٽيچرز ۽ اسٽاف پڻ موجود هو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) گورنمنٽ ڪلسٽر پبلڪ اسڪول مڪلي ۾ بهترين اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪيو ويندو، تعليم سان گڏ غير نصابي سرگرمين کي به فروغ ڏنو ويندو ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي. ڊي اي او تعليم نظام ڪڏائي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو: سيمينار دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ڪراچي مان ڪنيي گم ڪيل آفتاب
بروهي ظاهر نه ٿيو، ايس ايس پي
انويسٽيگيشن ڪورٽ ۾ پيش

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي مان ڪنيي گم ڪيل آفتاب بروهي ظاهر نه ٿيو. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ڪورٽ ۾ پيش تفصيل موجب نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي جي ننڍي پٽ آفتاب بروهي کي اڍائي مهينا اڳ پنهنجي وڏي ڀاءُ ايڊووڪيٽ امتياز بروهي سان گڏ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ۽ ڊي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي پرائس ڪميٽي جي گڏجاڻي

زمين ۽ پلاٽن جي خريداري ۽ وڪرو لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اگهه جي حد مقرر ڪئي وئي آهي: ڊي سي

گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد حنيف، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون جاويد احمد ڏاهري ۽ ٻين جي شرڪت

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالفتاح هليو جي زير صدارت ڊسٽرڪٽ پرائس ڪميٽي جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ اليڪشن ڪميشن بدين پاران آفيس جي اڏاوت لاءِ گهربل زمين جو اگهه پڻ زير بحث رهيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته گورنمنٽ پاران ضلعي بدين لاءِ 2021ع ۾ زمين ۽ پلاٽن جي خريداري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شڪارپور ۾ معذور ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي شاندار ريلي

گورنمنٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن سينٽر پاران معذور ٻارن جي عالمي ڏينهن تي ريلي ڪڍي وئي

ڏينهن جو مقصد اهو هوندو آهي ته اسان معذور ٻارن کي درپيش ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪري سگهون: اڳواڻ

معذور ٻارن ۾ تمام وڏو ٽيلينٽ موجود هوندو آهي اسپيشل ٻار خاص توجهه جو مرڪز هوندا آهن

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) گورنمنٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن سينٽر پاران معذور ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي گورنمنٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن سينٽر کان سجاڳي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف رستن کان ٿيندي ڊفينس ستي وٽ پهتي. ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي گورنمنٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهبليٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

MY ABILITY IS STRONGER THAN MY DISABILITY
DETERMINATION HAS NO DISABILITY
شڪارپور: معذورن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

دادو ۾ وڪيلن پاران پوڪي
وڻڪاري جي مهم
جو افتتاح، دعا گهري وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ دادو ۾ سيشن جج محمد مراد ميمڻ ۽ ٻين ججن، وڪيلن پاران پوڪي وڻڪاري جي مهم جو افتتاح ڪيو ۽ دعا گهري وئي، ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو محمد مراد ميمڻ چيو ته سڄي سنڌ سميت دادو ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪڏڙو ۾ زرعي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ بليڪ تي وڪري ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

آبادگار اڳواڻ اسدالله مري، چوڌري احسان علي جٽ، غلام شبير جٽ، رازي مري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واپاري آبادگارن کي 3600 سرڪاري ريٽ واري پاڻي جي ٻوري 5000 هزار روپين ۾ وڪرو ڪري رهيا آهن: مظاهرين

جاڻي واڻي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ڪئي پئي وڃي، اسان سان انصاف ڪري سرڪاري اگهه تي پاڻي جي فراهمي ڪئي وڃي

ڪڏڙو (رپورٽر ثناءُالله تالپر) ڪڏڙو ۾ زرعي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ بليڪ تي وڪري ڪرڻ خلاف ڪيترن ئي آبادگارن جو ڪڏڙو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي خبر موجب ڪڏڙو ۾ زرعي پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ بليڪ تي وڪري خلاف سنڌ آبادگار بورڊ جي ضلعي اڳواڻ اسدالله مري جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ آبادگارن پريس ڪلب ڪڏڙو ٻاهر احتجاجي مظاهرو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهرو فيروز ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

آئوڊين جي مقرر مقدار ۾ اضافو ڪيو وڃي ته جيئن شهرين کي گهٽ سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين کان بچائي سگهجي: ريجنل مئنيجر

مل مالڪ کي لوڻ ۾ آئيوڊين نه ملائي ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، آئيوڊين جي آگاهي بابت سيمينار منعقد ڪيا وڃن

جيڪو به سالٽ سپلائي ڪندڙ آئوڊين نه ملائيندو ته ان جي فيڪٽري کي سيل ڪيو ويندو: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي

نوشهروفيروز (رپورٽ بيورو چيف منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي جي صدارت هيٺ سالٽ فيڪٽرين جي مالڪن سان آئوڊين جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ اجلاس ٿيو، ان موقعي تي نيوٽريشن انٽرنيشنل جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين جي رهواسي غلام نبي ولد عدلو
مير بحر رخسانه بنت حاجي ملاح
سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي رهواسي غلام نبي ولد عدلو مير بحر رخسانه بنت حاجي ملاح سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو تفصيل مطابق بدين جي رهواسي غلام نبي ولد عدلو مير بحر رخسانه بنت حاجي ملاح سيشن ڪورٽ بدين ۾ پيش ٿي هڪ ٻي جي رضامندي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو جنهن ڪانيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو جي گورنمنٽ طالب المولي بوائز هاءِ اسڪول ۾ آر او پلانٽ لڳرايو ويو

سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح رهي آهي: رفيق احمد جمالي

پاڪستان پيپلزپارٽي ان منشور تي هلندي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، عوام جي خدمت ڪنداسين

سماجي تنظيم جي تعاون سان ٻوڏ دوران ڪاڇي اندر ڪيترائي آر او پلانٽس، واٽر سپلائي اسڪيمون، سولر سسٽم تي پمپ پڻ لڳرايا ويا آهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي جي هيڊڪوارٽر ۾ تاريخي گورنمنٽ طالب المولي بوائز هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن کي پيئڻ جو مٺو پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ سماجي تنظيم الخير فائونڊيشن جي سهڪار سان 10 لک روپين جي لاڳت سان آر او پلانٽ لڳرايو ويو آهي آر او پلانٽ جو افتتاح پ پ پ ضلعي دادو جي صدر اڳوڻي ايم اين اي رفيق احمد جمالي ڪيو، ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڏڙو ۾ شاگرد تي استاد پاران مبينا تشدد واري مامري جو نوٽيس، گسٽا پاران هنگامي اجلاس

شاگرد مهدي سومرو تي استاد عبدالرسول سومرو پاران ٿيل مبينا تشدد واري مامري جو تعليم کاتي جي اعلي اختيارين نوٽيس ورتو

ڊي اي او سيڪنڊري سڄاول پيار علي خواجه پاران جوڙيل 3 رڪني جاچ ڪميٽي ڏڙو پهچي ٻنهي ڌرين جا بيان قلمبند ڪيا

گسٽا پاران استاد عبدالرسول سومرو مٿان شاگرد مهدي سومرو تي مبينا تشدد وارا لڳل الزام رد ڪيا ويا

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو هاير سيڪنڊري اسڪول جي شاگرد مهدي سومرو تي استاد پاران مبينا تشدد واري مامري جو نوٽيس..!! تعليم کاتي جي ٽيم طرفان ڏڙو پهچي ٻنهي ڌرين جا بيان قلمبند. گسٽا پاران هنگامي اجلاس. سڄي ضلعي ۾ احتجاج جو چتاءُ تفصيل موجب ڏڙو جي بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ اٺين ڪلاس ۾ پڙهندڙ شاگرد مهدي سومرو تي استاد عبدالرسول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏڙو: جاچ ڪاميٽي جا اڳواڻ بيان قلم بند ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز: ڊسٽرڪٽ بار جي اليڪشن
۾ شوڪت حسين ٻوهيو کي بنا مقابلي جنرل
سيڪريٽري ٿيڻ تي مبارڪن جو سلسلو جاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) ڊسٽرڪٽ بار جي اليڪشن ۾ شوڪت حسين ٻوهيو کي بنا مقابلي جنرل سيڪريٽري ٿيڻ تي مبارڪن جو سلسلو جاري صدر ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جي ايم ظفر تگر ۽ عوامي پريس ڪلب جي صدر اخترحسين چانڊيو پاران هارپارائي مبارڪ باد ڏني. ان موقعي تي اڳواڻ اياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شهدادپور جي عبدالسلام تهيم مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ثقافتي سيمينار

سيمينار ۾ آفيسرن، معززين، استادن ۽ شاگردن سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪا پهري شرڪت

ثقافت سان گڏو گڏ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ مڃتا ماڻيندڙ شاگرد هميشه ترقي طرف گامزن ٿيندا: اڳواڻ

اسان ڪوشش ڪريون ٿا ته شاگردن کي سموريون سهولتون مهيسر ڪري ڏيون

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور جي عبدالسلام تهيم مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ثقافتي سيمينار، آفيسرن، معززين، استادن ۽ شاگردن سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪا پهري شرڪت ڪئي. عبدالسلام تهيم جيڪو ڦوٽو ٻوڪيس اهو وڏي ون ٽيو آهي، والدين وڏ کان وڏ اولاد کي هنري سکيا ڏيارين. لال بخش چانڊيو. ثقافت سان گڏو گڏ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ مڃتا ماڻيندڙ شاگرد هميشه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سيوهڻ ۾ سرعام غيرقانوني طور تي ايل پي جي گيس جا دڪان کليل

ايل پي جي گيس جي دڪاندارن ڪنهن به قسم جو نه لائسنس آهي: ذريعن جي دعويٰ

انتظاميا هن وقت تائين ڪنهن غيرقانوني هلندڙ دڪاندارن خلاف ڪو به ايڪشن نه ڪنيو

سيوهڻ شريف (رپورٽر) سيوهڻ شهر جي مختلف علائقن ۾ سرعام غير قانوني طور تي ايل پي جي گيس جا دڪان کليل جڏهن ته ان ايل پي جي گيس جي دڪاندارن ڪنهن به قسم جو نه لائسنس آهي نه ئي ڪا سرعام گاڏين پڻ جي ڪاٻه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس جي وفد جي اڪائونٽ آفيسر سان ملاقات

صوبائي وفد رٽائرڊ ملازمن جي مشڪلاتن بابت ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر کي آگاهه ڪيو

ڪوشش آهي ته ملازمن کي پريشانين کان بچائجي ۽ هر جائز سهولت ڏيڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيان: حسن جان

نوشهروفيروز (د ر) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي وفد جي صوبائي صدر خادم حسين مستوئي جي اڳواڻي ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر حسن جان چنگيزي سان ملاقات ڪري صحت کاتي جي سمورن پيراميڊيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

DISTRICT ACCOUNTS OFFICER
نوشهروفيروز: ملاقات دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم پاران احتجاج جاري

موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي: مظاهرين

بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي اوير پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري ممتاز شيخ جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

مڙهه کي بخشاپور پرسان اباڻي ڳوٺ محمد عمر شيخ ۾ آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

سياسي سماجي اڳواڻن صحافين پاران گهري غم ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي اوير پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري ممتاز شيخ جو والد پنهو خان شيخ ڪراچي ۾ 60 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي مڙهه کي بخشاپور پرسان اباڻي ڳوٺ محمد عمر شيخ ۾ آلين اکين سان مٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو ۾ پ پ ش پ پاران 5 ڊسمبر ڪارو ڏينهن طور ملهايو ويو

سالار انقلاب شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس سائين جي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو

قاتلن کان خون جي ڦڙي ڦڙي جو حساب ورتو ويندو، انصاف ڏياريو وڃي: اڳواڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پاران اڄ 5 ڊسمبر تي دادو ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو شهر جي نوراني چوڪ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

BLACK DAY 5th DECEMBER
دادو: پ پ ش پ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو پريس ڪلب جي نائب صدر غوث علي جهتيال جي ننڍي ڀاءُ کان ڦر

اڻڄاتل هٿياربند برڪت علي جهتيال کان موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦري ڪئي

صحافي شهمير گاڏهي جي ننڍي ڀاءُ اميربخش گاڏهي جي شهادت جو واقعو پڻ ڦورن ڪيو هو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سينيئر صحافي سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل دادو جي چيف آرگنائيزر ۽ دادو پريس ڪلب جي نائب صدر غوث علي جهتيال جو ننڍو ڀاءُ برڪت علي جهتيال هٿياربندن هٿان يرغمال ۽ اڻڄاتل هٿياربند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وياج خور جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: نئون ڪوٽ واسي

خريد ڪيل زمين جي سموري رقم ڏئي ڇڏي آهي پوءِ به ڌمڪيون ڏين پيا

ٻاٽر وياج نه ڏيڻ جي صورت ۾ هومون کي ڌوهاري ماڻهن هٿان ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) وياج خور جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي خريد ڪيل زمين جي سموري رقم ڏئي ڇڏي آهي هاڻ ڌوهاري ماڻهن کان جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ تلوايو ترائي پورلي تعلقو اسلام ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نئون ڪوٽ: ڳوٺاڻا وياج خورن خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ ڏوهه بڻجي ويو، ڪيترن ئي مٿان ڪيس داخل

پريس ڪلب پنگريو جي صدر منصور احمد ڪنڊ تي پوليس پاران ڪيس داخل ڪيو ويو

صحافين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران پنگريو جي مک چوڪ تي احتجاجي مظاهرو

پنگريو (رپورٽر) سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ ڏوهه بڻجي ويو آهي گذريل ڏينهن 3 ڊسمبر تي ايڪتا ڏهاڙو ملهائڻ جي پاداش ۾ ڪاوش رپورٽر منصور ڪنڊ سميت 9 سڃاتل 21 اڻسڃاتلن مٿان فيضگنج ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين ۾ پاس آئوٽ شاگردن جي لاءِ الوداعي پارٽي جو انعقاد

لاڙ ڪيمپس سنڌس تعليمي سفر ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو: اڳواڻ

مفتي عبدالغني گوپانگ، فياض ڪنيار، حميد نوتيار ۽ ٻين جي شرڪت

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپارٽمينٽ آف انگلش، سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين پاران گذريل ڏينهن تي اسپورٽس ڪمپليڪس هال بدين ۾ 2020 جي بيچ جي پاس آئوٽ شاگردن جي لاءِ الوداعي پارٽي جو انعقاد ڪيو ويو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي سکر ڪيمپس پاران ڪرڪيٽ ميچ ڪرائي وئي

ڪرڪيٽ جي شائقين ۽ ڪلاڙين کي هڪ ڏينهن لاءِ هڪ پرجوش ۽ دوستي جي مقابلي لاءِ گڏ ڪيو

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي ريجنل ڪيمپس اهڙي ميچ منعقد ڪرڻ تي سنڌن ٿورا مڃيا ۽ ساراهيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي سکر ڪيمپس پاران دوستاڻا ڪرڪيٽ ميچ ڪرائي وئي، علامه اقبال يونيورسٽي يونيورسٽي (AIOU) سکر ڪيمپس پنهنجي گولڊن جوبلي جي حوالي سان صالح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر: ڪرڪيٽ ميچ دوران رانديگرن جو ورتل گروپ فوٽو

ٽنڊو محمد خان ۾ رضاڪارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب

رضاڪار معاشري جو اهم حصو آهي جيڪو بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي سماج جي سڌاري لاءِ مسلسل جاکوڙ ڪندو رهندو آهي: نيازجان سرهندي

رضاڪار ڪنهن به سماج جو قيمتي اثاثو هوندا آهن جيڪي بنا ڪنهن لالچ ۽ لالچ جي سماج جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن

رضاڪار رات هجي يا ڏينهن، آفتون هجن يا سانحو، حب الوطني ۽ انسانيت جي بچاءُ وارن ڪمن ۾ اڳڀرو رهنديون آهن

ٽنڊو محمد خان (د ر عبدالشڪور بروهي) رضاڪارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمينٽ پاران هڪ تقريب ڪرائي وئي، تقريب کي خطاب ڪندي گورنمينٽ اسپيشل چائلڊ ايجوڪيشن ۽ بحالي مرڪز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

GOVT: SPECIAL EDUCATI
ٽنڊو محمد خان: رضاڪارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز پرسان نامعلوم ڦورو استاد
ظفر عباسي کان هٿيارن جي زور تي سي
ڊي موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦري ويا

نوشهرو فيروز (د ر) شاهه جمال پمپ پرسان نامعلوم ڦورو استاد ظفر عباسي کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽرسائيڪل، موبائل فون، روڪ رقم ۽ اسڪول جا ضروري ڪاغذات ڦري ويا، پوليس چيڪ پوسٽون، فائٽر گشت ناڪام، روز روز وارداتون پوليس ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ور شهر ۾ هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم

هڏن، جوڙن جي سرجن ڊاڪٽر طاهر احمد شيخ، ڊاڪٽر ساجد شيخ ۽ ٻين مريض ڏٺا

ڊاڪٽرن ڪيمپ ۾ ست سئو کان وڌيڪ مريضن جو مفت علاج ڪيو ۽ مفت دوائون پڻ ڏنيون

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) مهراڻ ٽراما ڪلينڪ ڏابيجي پاران ور شهر ۾ هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ ور شهر جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ لڳائي وئي، جنهن ۾ هڏن، جوڙن جي سرجن ڊاڪٽر طاهر احمد شيخ، جنرل فزيشن ڊاڪٽر ساجد شيخ، ڊينٽل سرجن، ڊاڪٽر شيام ڪمار پاران ڪيمپ ۾ ست سئو کان وڌيڪ مريضن جو مفت علاج ڪيو ۽ کين مفت دوائون پڻ ڏنيون ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گهوٽڪي ضلعي کي مليل پاڻي جي ڪوٽا ٻاهر منتقل نه ٿيڻ گهرجي: ڊي سي

اسمگلنگ ۾ ملوث ڊيلرن جا لائسنس رد ڪرايا ويندا، اوباوڙو ٽول پلازا تي چيڪ پوسٽ قائم ڪرڻ جو حڪم

ڊپٽي ڪمشنر زراعت کاتي جي عملدارن کي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

ڊسمبر ۽ جنوري دوران ضلعي گهوٽڪي کي پاڻي جي اضافي ڪوٽا فراهم ڪئي وڃي

گهوٽڪي (د ر) گهوٽڪي ضلعي کي مليل پاڻي جي ڪوٽا ٻاهر منتقل نه ٿيڻ گهرجي، اسمگلنگ ۾ ملوث ڊيلرن جا لائسنس رد ڪرايا ويندا، اوباوڙو ٽول پلازا تي چيڪ پوسٽ قائم ڪرڻ جو حڪم، زراعت کاتي جي عملدارن کي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جون هدايتون جاري، تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا
ڪماري ۽ نوجوان علي اصغر منگريو سميت
سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ نوجوان علي اصغر منگريو سميت سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي ڪئمپ کي 2 مهينا 3 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود مغوين جي بازيابي لاءِ سنڌ سرڪار ۽ انساني حقن جي تنظيمن کي اڃان تائين احتجاج نظر نه آيو جماعت اسلامي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانپور مهر: خانڳڙهه تعلقي اندر ڊگري ڪاليج جي ڪلاسن جو آغاز

اڳوڻي پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر ڊگري ڪاليج جي ڪلاسن جي آغاز واري تقريب ۾ پهچي افتتاح ڪيو

تعليم جي بهتري لاءِ جدوجهد جاري رهندي، تعلقي جي عوام لاءِ اڃا وڌيڪ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي: محمد بخش خان مهر

ٻهرين هائير سيڪنڊري ۽ هاڻي ڊگري ڪاليج ۽ انشاءالله خانڳڙهه تعلقي اندر يونيورسٽي جو قيام به عمل ۾ آندو ويندو

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانڳڙهه تعلقي اندر ڊگري ڪاليج جي ڪلاسن جو آغاز ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ گورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ڊگري ڪاليج جي ڪلاسن جي آغاز واري افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جڏهن ته اڳوڻي پ پ ايم اين اي سردار محمد بخش خان مهر ڊگري ڪاليج جي ڪلاسن جي آغاز واري تقريب ۾ پهچي افتتاح ڪيو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين انڊس اسپتال جي ملازمن جون پگهارون بند، ملازمن پاران سخت احتجاج

وڏي وزير جو اعلان اڌورو انڊس اسپتال بدين جي 18 مهينن کان رڪيل بجيٽ نه ملي سگهي

12 سئو ملازمن کي پگهارون نه ملڻ خلاف ملازمن او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

سنڌ حڪومت انڊس اسپتال ڪراچي سان معاهدي تحت فنڊ رليز نه ڪري رهي آهي: مظاهرين

بدين (د ر) بدين وڏي وزير جو اعلان اڌورو انڊس اسپتال بدين جي 18 مهينن کان رڪيل بجيٽ نه ملي سگهي 12 سئو ملازمن کي پگهارون نه ملڻ خلاف ملازمن او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪندي ٻه ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري ميرواهه اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين: انڊس اسپتال جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي نگران وڏي وزير جي
حڪم کي سنڌ جي فنانس ۽
صحت کاتن ٺڏي ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) لاڙ پٽ جي وڏي ۾ وڏي انڊس اسپتال هيلٿ نيٽ ورڪ ڪراچي جي زيرانتظام هلندڙ ڊاڪٽر سڪندر علي ميندهرو سول اسپتال بدين کي سنڌ حڪومت طرفان معاهدي تحت وقت سر منظور بجيٽ جاري نه ڪرڻ سبب مالي بحران جو شڪار انڊس اسپتال جي 12 سئو ملازمن جنهن ۾ آفيسر ۽ ننڍا ملازم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: ڊسٽرڪٽ پاپوليشن کاتي ۾ سوين ماڻهون گهرويٺي پگهارون کڻڻ لڳا

ڪيترائي سينٽر بند پيل، صرف ڪاغذي ڪارروائي ۾ هلڻ لڳا، پاپوليشن کاتي جي آفيسرن ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو

کاتي جا 200 ملازم ويزا تي ڇڏيل، ڊسپنسريون قائم ڪيل ويران ٻٽيل، آفيسر مال ڪمائڻ ۾ مصروف، ڪو نوٽيس نه ورتو

معاملي جو نوٽيس وٺي پاپوليشن کاتي جي ملوث عملي خلاف انڪوائري ڪري قانوني قدم کنيو وڃي: سڄاڻ ڌريون

نوشهروفيروز (د ر) ڊسٽرڪٽ پاپوليشن کاتي ۾ سوين ماڻهون گهر ويٺي پگهارون کڻڻ لڳا ڪيترائي سينٽر بند پيل صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ هلڻ لڳا پاپوليشن کاتي جي آفيسرن ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو، ضلعي نوشهروفيروز اندر پاپوليشن کي روڪ ٿام ڪرڻ بدران پاپوليشن کاتي جا ٻهراڙي جي ڳوٺن ۾ کليل سينٽر بند ڪيترائي ملازم ٻين صوبن ۾ رهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سامارو روڊ ۾ دي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول ۾ به ثقافتي رنگن ۾ رنگجي ويو

دي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول استاد ۽ شاگردن به ايڪتا ڏهاڙي جي حوالي سان ثقافت جي رنگن ۾ رنگجي ويا

اڄ جو ڏينهن اسان سڀني لاءِ عيد جو ڏينهن آهي، اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي: اڳواڻ

اهو ڏينهن اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو ته اسان پنهنجي سنڌ سان محبت ڪيون ائين سب گڏجي محبت سان رهون

سامارو (رپورٽر گلجي سورماڻي) سامارو روڊ ۾ دي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول ۾ به ثقافتي رنگن ۾ رنگجي ويو. تفصيل موجب سامارو روڊ جي دي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول استاد ۽ شاگردن به ايڪتا ڏهاڙي جي حوالي سان ثقافت جي رنگن ۾ رنگجي ويا اسڪول جي هيڊ ماسٽر جي اعلائيل ثقافتي پروگرام تي گذريو پروگرام ۾ اسڪول جي استادن شاگردن ۽ سول سوسائٽي ۽ نيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

The Strong Step School
سامارو: اسڪول ۾ ثقافتي تقريب دوران ٻارڙا ٽيبلوز پيش ڪري رهيا آهن

مٺياڻي شهر ۽ آسپاس جي ڳوٺن
۾ مختلف بيماريون پکڙجي
ويون، اختياريون خاموش

مٺياڻي (رپورٽر) مٺياڻي شهر ۽ آسپاس جي ڳوٺن ڪنڊائي ماڇي. اسماعيل خاصخيلي. لبيت تنگر خان. ڪاريجا چانڊيا. اڪبر ملاح. ملاڻو چوهاڻ ۽ ٻين ڳوٺن ۾ چوپائي مال ۾ مختلف بيماريون پکڙجي ويون، پاڳين جا وٿاڻ خالي ٿيڻ لڳا، وترنري ڊاڪٽرن جي بيکهي متل، خانگي اسپتالون کولي پاڳين کي لٽڻ لڳا - /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سروري تنظيم سنڌ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان ۽ سنڌس سالي ۾ هلندڙ تڪرار ختم

بچل مغل هالا پريس ڪلب هالا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مخدوم سعيدالزمان کان ميڊيا آڏو معافي گهري ورتي

سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جي هر حڪم جو پابند رهندس: محمد بچل مغل

سرورنوح جي گادي نشين مخدوم جميل الزمان مٿس جيڪو به ڪم رکندوان تي عمل ڪندي ورڪ ڪندس

نيوسعيدآباد (رپورٽر) سروري تنظيم سنڌ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان ۽ سنڌس سالي محمد بچل مغل ۾ هلندڙ تڪرار ختم. بچل مغل هالا پريس ڪلب هالا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مخدوم سعيدالزمان کان ميڊيا آڏو معافي گهري ورتي. سروري جماعت هالا جي اڳوڻي صدر محمد بچل مغل سروري جماعت سنڌ جي صدر مخدوم سعيدالزمان سان ذاتي اختلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 06 ڊسمبر 2023ع

ڪي پي ڪي، جي گورنر جو بيان ۽ اليڪشن بابت خدشا

چونڊن جي تاريخ جو اعلان ٿي ويو آهي. تڪرار بڻجي ويل ۽ پهريون ڀيرو ٿيل ڊجيٽل آدمشماري بعد تڪبندين جي حتمي پڌرائي به ڪري ڇڏي آهي. ان هوندي به سياسي سرگرمين ۾ ڪا اهڙي شدت نظر نٿي اچي. مٿان وري ڪنهن عام فرد نه پر هڪ اهم منصب تي فائز صاحب يعني خيبرپختونخواهه جي گورنر حاجي غلام علي صوبي جي ڪجهه علائقن ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال سبب سياسي سرگرمين کي مشڪل قرار ڏئي ڇڏيو ۽ اهو به اشارو ڏنو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي مختلف ڪيسن ۾ گهربل اڳواڻن کي جسلن ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. ائين نه ٿئي ته ووٽر ووٽ ڏيڻ وڃن ۽ پنهنجي جان وڃائي ويهن. هڪ انٽرويو ۾ گورنر حاجي غلام علي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ بابت الزامن کي رد ڪندي سوال اٿاريو ته هن وقت خيبرپختونخواهه ۾ پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان ڪيتري سرگرم آهي؟ هن چيو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته خيبرپختونخواهه جي ڪجهه علائقن ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ناهي.

ملڪ جي هڪ اهم صوبي جي گورنر پاران اليڪشن جي مهم دوران ڪيل اهڙي ڳالهه تي ميڊيا ۾ بحث شروع ٿي ويو آهي. جنهن کي ڪي مبصران سان پيئي رهيا آهن ته ڪي ڌريون ملڪ ۾ اليڪشن کي ملتوي ڪرائڻ چاهين ٿيون. گورنر جو هي بيان به هڪ اهڙي ئي خواهش جو اظهار آهي.

جيتوڻيڪ اليڪشن جي تاريخ جي اعلان بعد عدليه پاران اهو جتي ريت چيو ويو هو ته ان بابت هاڻي سمورن افواهن کي ختم ٿيڻ گهرجي پر هڪ اهم منصب تي فائز عهديدار جي اهڙي نوعيت جي بيان بعد ان تي بحث نه ٿيڻ ناممڪن آهي.

هاڻوڪي اليڪشن جي تاريخ سامهون اچڻ کان اڳ ملڪ جي ٻن جماعتن پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران ئي اهو مطالبو ڪيو پئي ويو ته چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو وڃي. جڏهن ته باقي جماعتن اليڪشن بابت تاريخ جو سمورو بار اليڪشن ڪميشن پاڪستان تي وجهي ڪري پاڻ اڃيون تي رهيون هيون. اهڙي ريت ان دوران جي يو آءِ اڳواڻ مولانا فضل الرحمان ته اهو پڻ چيو هو ته اڳ ۾ ملڪ جي معاشي صورتحال بهتر ڪئي وڃي اليڪشن ان بعد ڪرائي وڃي سندس ئي پارٽي اليڪشن ڪميشن کي اها به تجويز ڏني هئي ته جئين ته ملڪ جي اترين علائقن ۾ سردي هوندي آهي ان ڪري اليڪشن جي تاريخ فيبروري کان ٿورو اڳتي وڌائي سگهجي ته اهو بهتر هوندو.

هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي قسم جي ڳالهه سامهون اچڻ جي ڪري اهي بحث وري شروع ٿي ويا آهن. جيتوڻيڪ اهو چيو پيو وڃي ته ملڪ ۾ سمورين جماعتن کي چونڊن وڙهڻ جي لاءِ هڪجهڙو موقعو ڏنو پيو وڃي پر عوام جي اڪثريت اهڙي تاثر کي ڪنهن به ريت قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهي. ساڳي ريت ملڪ جي هڪ وڏي جماعت پاڪستان پيپلزپارٽي اڄان پڻ اهو چئي رهي آهي ته هنن کي ليول پليئنگ فيلڊ نه پئي ملي.

ٻئي پاسي جيڪو ڪجهه پاڪستان تحريڪ انصاف سان ٿي رهيو آهي ان مان صاف نظر اچي رهيو آهي ته اها جماعت عتاب ۾ آيل آهي. اهڙي صورتحال ۾ پلي نگران حڪومت ڪيتري به زور سان اها ڳالهه ڪري پر ان کي عوامي قبوليت نٿي ملي سگهي. سو جيڪڏهن ان طريقي سان ليول پيئنگ فيلڊ ملي رهي آهي ته پوءِ اهي چونڊون اڳ ۾ ئي تڪرار بڻجي رهيون آهن. جنهن جو ملڪ ۽ عوام کي ناقابل تلافي نقصان ٿيندو.

دنيا جي جن ملڪن ترقي ڪئي آهي اتي قانون جي حڪمراني، پارليامينٽ جو احترام، اخلاقيات، بدعنواني کان آجپي ۽ ادارن جي ڪنهن ڌر سان رعايت بدران جيڪو قانون ۾ لکيو ويو آهي ان تي مڪمل عمل کي يقيني بڻايو ويو آهي. ڪي به سماج رڳو سڪٽين ڳالهين ۽ اعلانن سان اڳتي نٿا وڌي سگهن. جتي قانون جي سرعام لتاڙي جاري هوندي اتي جو عام ماڻهون قانون جو ڪو احترام نه ڪندو آهي.

پاڪستان هن وقت معاشي، آئيني، سياسي عدم استحڪام جو شڪار آهي. جنهن جي ابتري ۾ هڪ ڌر پنهنجو حصو داخل ڪيو آهي. ان ڪري هاڻي اهو به سڀني تي فرض ٿئي ٿو ته اهي ان کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ به سامهون اچن ۽ ان کي سڌو ڪن. ٻي صورت ۾ وقت گذرڻ بعد عوام انهن کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيندو.

تازو پاڪستان تحريڪ انصاف جي پارٽي اندر چونڊن بعد پارٽي جو نئون چيئرمين چونڊجي ويو آهي. جنهن سان وري سمورين جماعتن جي اندر ٿيل انٽرا پارٽي جي چونڊن تي به بحث شروع ٿيو آهي. جنهن ۾ مبصرن جو اهو ئي چوڻ آهي ته ڪنهن به جماعت ۾ مڪمل جمهوري اصولن موجب چونڊون نه ٿينديون آهن. ان ڪري رڳو هڪ جماعت کي نشانو بڻائڻ بهتر عمل نه آهي.

پي ٽي آءِ جي ٽڪر ٽڪر ۾ ٿيل چونڊن بعد اهو امڪان آهي ته اهي رد ٿي وڃن. جنهن بعد ان جماعت جي نشان بيٽ کي بچائڻ ممڪن نه رهندو پر جيڪڏهن جمهوريت جي روح تي عمل جي ڳالهه ڪبي ته سمورين ڌرين جي صورتحال اوڻيهه ويهه جي فرق سان ساڳي آهي. اصل ڳالهه هي آهي ته ملڪ ۾ سمورين جماعتن ۾ ڪجهه خاندان ئي انهن کي ليڊ ڪندا رهيا آهن ۽ اتي شخصيت پرستي جو لاڙو پروان چڙهندو رهيو آهي.

ملڪ جي سياسي صورتحال مان اهو ظاهر ٿي رهيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف گهٽي سوڙهي ٿي وئي آهي. ان ڪري اهو امڪان به آهي ته هاڻي پي ٽي آءِ وٽ هڪ ئي رستو بچي ٿو ته يا ته اها جماعت اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏي يا وري ان جا اميدوار آزاد حيثيت ۾ چونڊ ميدان ۾ رهن. ٻنهي صورت ۾ پي ٽي آءِ کي هڪ جماعت طور بچائڻ هاڻي ڪافي ڏکيو عمل ٿي پيو آهي.

ان هوندي به اليڪشن جي حوالي سان اهڙي قسم جي ڳالهه آڏو اچڻ سان عوام ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر خدشا وڌي ويا آهن. ڇا هاڻي عدليه جي ڪي پي ڪي جي گورنر پاران ڏنل بيان تي هن کان وضاحت طلب ڪندي يا ان سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي ڪئي ويندي جئين عوام جي ذهنن ۾ پيدا ٿيندڙ غلط فهمين کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.

سنڌ پنجاب جي دنگ تي ڌاڙيلن جو راڄ

غلام حسين جوڻو

ڪو، زمانو هو جو، سڄي سنڌ ۾ ڌاڙيلن جو راڄ هو. ڌاڙيل ڏينهن ڏٺي جو وارداتون ڪندا هئا ۽ ماڻهو اغوا ڪري پئسا وٺي پوءِ آزاد ڪري ڇڏيندا هئا. سنڌ جا، ڪجهه وڏيرا ۽ ڀوتار ڌاڙيلن جا سهولتڪار بڻيل هئا جن جي اشارن تي، ڌاڙيل ڦهري ڪارروايون ڪري وارداتون ڪندا هريا. سڄي سنڌ ۾ خوف و هراس ڇانيل هو ماڻهو، سج لهڻ کان اڳ ۾ گهرن جا دروازا بند ڪري ويهي رهندا هئا. اوطاقون ماڻهن کان خالي ٿي ويون هيون. ڪو مهمان ڪنهن وٽ ترسڻ لاءِ تيار ڪونه هو بس، پريشاني جو عالم هو

اهڙي ماحول ۾ سنڌ پوليس بي وس بڻجي وئي. ڪي پوليس اهلڪار ته ڌاڙيلن سان مليل هئا ۽ سندن مخبري ڪندا رهيا. ڪين هٿيار ۽ گولين تائين به رسائي ڪندا هئا ڪي ڀوتار به اهو ساڳيو ڪم ڪندا رهيا. ان ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيل ڪلچر مضبوط ٿيندو ويو حالتون انتهائي خراب ٿي چڪيون هيون. ڪنهنجي به عزت محفوظ ڪونه هئي. چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ٿي رهيو هو. صوبائي حڪومت ڌاڙيلن جو خاتمو ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪامياب ٿي چڪي هئي. ايئن محسوس ٿيندو هو ته، حڪومت نالي ڪا به شيءِ ڪونه آهي.

ان، وقت ميان نواز شريف جي حڪومت هئي. پاڻ ملڪ جو وزيراعظم هو تنهن ڌاڙيلن جي خلاف سخت نوٽيس ورتو آرمي جي مدد سان ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن ڪرڻ شروع ڪيو اهي وڏيرا جيڪي ڌاڙيلن جا سهولتڪار هئا. تن جي خلاف به ڪارروايون تيز ڪيون ويون. نتيجي ۾ انهن مان ڪوڙ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. ڪن کي گرفتار ڪري آرمي پاڻ وٽ قيد ڪري ڇڏيو ۽ سختي سان پڇاڻو ڪيو اهي ڪيترن ڏينهن تائين انهن وٽ قيدو بند رهيا ۽ قيد جون سختيون ۽ عقوبتون برداشت ڪيون. آرمي، ڪين سٺي سيڪٽ ڏني ان ڪانپوءِ انهن ڀوتارن کي پوليس حوالي ڪيو ويو جنهن، ڄاڻايل وڏيرن کي مختلف ڪيسن ۾ ملوث ڄاڻائي ايف آئي آرز ڪٽيون ۽ ڪين چالان ڪري ڪورٽ ۾ ڪيس هلرايو ۽ اهي جيل انتظاميه جي حوالي ڪري ڇڏيا. جتان آزاد ٿي گهر پهتا ۽ بعد ۾ ڌاڙيلن جي پنيرائي ۽ پشت پناهي جي ڪم کان هميشه لاءِ نابري واري ويٺا. مذڪوره وڏيرن تي سٺو اثر پيو ۽ حالتون بهتري طرف وڌڻ لڳيون ٻئي طرف ڌاڙيلن جي خلاف بي رحمانو آپريشن ڪيو ويو ڪيترائي ڌاڙيل مارجي ويا. ڪن کي مختلف ڪيسن ۾ سزائون اچي ويون. تڏهن وڃي ڌاڙيلن جو زور ٽٽو سنڌ ۾ امن و امان قائم ٿيو ڪجهه نابر ٿي. هتي اهو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان ته ڪن ڌاڙيلن پاڻ وڃي پاڻ کي قانون جي حوالي ڪيو ۽ گرفتاريون پيش ڪيون. ڄاڻايل آپريشن ڪامياب ويو ڌاڙيلن ۽ سهولتڪارن کان نجات ملي. اهو، نواز شريف جو عظيم ڪارنامو هو جنهن جون ڳالهيون اڄ به ڳايون وڃن ٿيون ۽ تعريف ۽ واکاڻ ڪئي وڃي ٿي.

سنڌ جي ماڻهن کي اها ڳالهه هميشه ياد رهندي. جنهن کي ڪڏهن به وساري ڪونه سگهبو جنهن سنڌ ۾ امن و امان قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ سندس ئي ڪوشش سان ماحول سازگار بڻيو اسان جون اوطاقون پيهر آباد ٿيون. نراسائي ۽ نااميدي ختم ٿي. سنڌ واسين سک جو ساهه کنيو زندگي جو ڪاروهنوار ڇريو عوام کي جيئڻ جو حق مليو وري رونق ۽ رنگيني پيدا ٿي. ماڻهن جا ڏک ۽ تڪليفون ميٽجڻ لڳيون چادر ۽ چوديواري جو تقدس بحال ٿيو

ماضي جي هڪ جهلڪ پيش ڪئي اٿم. ڪجهه وقت کان پوءِ، پيهر ڌاڙيلن ڪر کنيو ڌاڙيل ڪلچر مضبوط ٿيڻ لڳو امن ۽ امان جون حالتون خراب ٿينديون ويون. روزانه اغوا، ڦرون، چوريون ۽ قتل جون وارداتون ٿيڻ لڳيون. سڄي سنڌ ۾، اهو حشر ڏسڻ ۾ اچي ٿو خاص ڪري سنڌ جي اترين علائقن ۾ ته ڌاڙيل مضبوط ٿيڻ لڳا. گهوٽڪي، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ۾ وارداتون ٿينديون رهيون. پوليس ڌاڙيلن سان به مقابلو ڪيو پر، ناڪامياب ويئي. پوليس جا ڪجهه اهلڪار شهيد به ٿي ويا. ڪيترائي ماڻهو به مارجي ويا. علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو عورتون بيوه، ٻار يتيم، ويڙها ويران ٿيندا ويا. حڪومت اهڙين حالتن کي نظر ۾ رکندي پهريائين پوليس کان ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن ڪرايا پر، ڪا به ڪاميابي حاصل ڪونه ٿي سگهي. بعد ۾ رينجرس کي اختيار ڏنا ويا ته هو ڌاڙيلن کي زنده پڪڙين يا ماري ختم ڪن. پر ان آپريشن جو ڪو به نتيجو ڪونه نڪتو

هاڻي غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته حڪومت جون اهي سموريون ڪوششون ڇو ناڪامياب ويون. ڌاڙيلن جي پناهگاهن کي ختم ڪرڻ ۾ ڇو ڪاميابي ڪونه ملي سگهي. ان جو سبب اهو آهي ته، حڪومت جيڪو آپريشن ٿي ڪيو ان باري ۾ اڳواٽ ئي پريس ڪانفرنس ڪري آگاهي ڏني پئي وڃي. يا جيڪا پاليسي مرتب ڪئي پئي ويئي سا، اخبارن ۾ شايع ٿي رهي هئي. ٽيليويزن جي نشريات ۾ به ٻڌايو پئي ويو جنهن ڪري ڌاڙيلن کي خبر پئجيو پئي ويئي ۽ ڌاڙيل آپريشن وارن ڏينهن دوران اتان نڪري ڪنهن محفوظ ٺڪاڻي تي هليو ٿي ويا. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهي محفوظ ٺڪاڻا ڪهڙا آهن جتي ڌاڙيل لڪيو ٿا وڃن. اهي محفوظ هنڌ ڀوتارن، سردارن، زميندارن ۽ ٻااثرن جا بنگلا آهن يا انهن جا زرعي فصل آهن. جتي ڪين ماني به ملي ٿي. آرام ڪرڻ لاءِ جاءِ به ملي ٿي. اهي ڀوتار ٻااثر آهن جن جو ڪير به نالو وٺڻ وارو ڪونه آهي. جنهن ڪري ڌاڙيلن کي تحفظ مليو وڃي. وري جڏهن آپريشن جي مدت پوري ٿئي ٿي ته، ڌاڙيل پيهر موٽيو وڃيو پنهنجيون ڪارروايون شروع ڪن ٿا.

فوجي آپريشن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، ڌاڙيل پيهر ميدان ۾ اچي ويا. جن وارداتون ڪرڻ جو آغاز ڪيو آهي تازو رائونتي ويجهو، پنجاب جي ماچڪو ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين جي ٽن ٽولن پاران، سولنگي برادري جي ڳوٺ ۽ ڪمند جي واڍي جو ڪم ڪندڙ پورهيتن تي حملو ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا. جديد هٿيارن سان ڪيترائي ڪلاڪ ڏوهارين طرفان فائرنگ جاري رهي. نتيجي ۾، هڪ وانهڙو عورت نالي حميدان سيلرو سميت پنج ڄڻا شعبان سولنگي، پرويز سولنگي، عبدالحفيظ سولنگي، شهزادو سولنگي ۽ سرور سولنگي مارجي ويا. ان واردات جي اطلاع تي پنجاب جي رحيم يار خان پوليس جا اٿالا ماچڪو ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ حسين سولنگي پهتا. پوليس ۽ ڌاڙيلن يعني ڏوهارين جي درميان ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين فائرنگ جي ڏي وٺ ٿيندي رهي. سخت مقابلو ڪيو ويو اهو، علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ محدود ٿي ويا. ڌاڙيلن ۽ پنجاب پوليس جي وچ ۾ گولين جي ڏي وٺ ٿي. مقابلو ٿيو جنهن ۾ پوليس جا ٻه اهلڪار قاسم، ارشاد ۽ اي پي سي ڊرائيور محمد سرور مارجي ويا ۽ متعدد زخمي به ٿيا آهن. جڏهن هن مقابلي ۾ چارڄڻا ڏوهاري به مارجي ويا آهن جن جا نالا عمرو شر، رحم علي شر، لالو سيلرو ۽ ڪمون ڪوش آهن. اهو به معلوم ٿيو آهي ته مارجي ويل ڌاڙيلن جا لاش ڏوهاري پاڻ کڻي ويا آهن. پر، ان جي اڃا تائين تصديق ڪونه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته شهيد پوليس اهلڪارن جي لاشن کي رحيم يارخان جي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو ڪن جو چوڻ آهي ته اهي لاش صادق آباد جي اسپتال ڏانهن موڪليا ويا آهن.

هاڻي ڌاڙيلن سنڌ جي اترين علائقن ۾ سنڌ پنجاب دنگ تي ماڻهن کي تپائي تنگ ڪري ڇڏيو آهي. سندن جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي. ان ڪري انهن جي خلاف آپريشن ڪيو وڃي. پر، ياد رهي ته جيڪا ڪارروائي ڪئي وڃي ته ان کي مخفي رکيو وڃي. جيئن نشرياتي ۽ خابرو ادارن کي خبر نه پئجي سگهي. ڌاڙيلن کي به معلوم نه ٿي سگهي. ڌاڙيلن جي سهولتڪارن، ڀوتارن ۽ مخبري ڪندڙن کي ڪڙڪ نه پوي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته ڪڏهن به ڌاڙيلن کي پڪڙيو ڪونه ويندو ۽ نه آپريشن ڪامياب ڪونه ٿيندو جنهن ڪري حڪومت احتياط کان ڪم وٺندي اوچتو مذڪوره ڏوهارين جي خلاف ڪارروائي ڪري ايئن ڪرڻ سان ڌاڙيل ڀڄي ڪونه سگهندا ۽ پڪڙ ۾ اچي ويندا. ڪنهن به ڌاڙيل سان رعايت نه ڪئي وڃي. ان جي خلاف سختي سان پيش اچڻ گهرجي. تڏهن وڃي سندن خاتمو ممڪن ٿيندو آئون هتي آخر ۾ اهو ذڪر ڪرڻ گهران ٿو ته، سنڌ جو مشهور ڏوهاري قسم جو ماڻهو خطرناڪ ڌاڙيل فقير ثناءُ الله شر به ڪيترائي پوليس وارا ۽ غريب ماڻهو ماري چڪو آهي. فوج ۽ پوليس سان به مقابلا ڪيا اٿس. هاڻ ڪنهن مصلحت ۽ مفاهمت تحت ڪنهن ڀوتارجي معرفت پيش ٿيو آهي باقي قانون نافذ ڪندڙ ادارا ته سندس ڪجهه به بگاڙي ڪونه سگهيا. انهن کو به ڀولو ڪونه ٻاريو فقير ثناءُ الله شر جي گرفتاري بابت ڪيترائي افواهه پڌندا رهون ٿا. ڪيترين ئي ڳالهيون گردش ڪري رهيون آهن ڪوڙ ساريون قياس آرائيون ڪيون پيون وڃن. انهن ۾ ڪيتري صداقت ۽ سچائي آهي. ان باري ۾ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. جيڪڏهن ڄاڻايل ڌاڙيل کي ڪنهن ڀوتار يا سردار پيش ڪيو آهي ته پوءِ انهن جي معرفت ٻيا ڌاڙيل ۽ ڏوهاري قسم جا ماڻهو به گرفتار ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ سرڪار کي گهرجي ته ڌاڙيلن جي پشت پناهي ڪندڙ سردارن ۽ وڏيرن تي اثر رسوخ هلائي انهن جي معرفت ٻين ڏوهارين کي به گرفتار ڪري قوم تان جنجال لاٿو وڃي.

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

اسرائيلي جنگ ۽ نئين دور جو هولو ڪاسٽ

طفيل مگسي

هولو ڪاسٽ انسانيت جي لاءِ هڪ خوفناڪ ۽ لڱ ڪانڊارڻ خواب آهي. جيڪو اچڻ وارن ڪيترن ئي سالن جي لاءِ ماڻهن جي ذهن ۾ هڪ ڪارو باب بڻجي ڪري رهيو. جرمن ذريعن جي مطابق ٻي جنگ عظيم جي دوران اٽڪل 5لک يهودين کي موت جي حوالي ڪيو ويو ۽ ڪيترن کي ساڙي خاڪ جي ڍير ۾ تبديل ڪري انهيءَ خاڪ کي زمين جي لاءِ ڀاڻ جي طور تي استعمال ڪيو ويو هو. جيئن ته اوهان کي پروڙ آهي ته ٻي جنگ عظيم (Illies) طاقتن جي فتح سان گڏ ختم ٿي. صيهونين (zoeneits) انگريزن کان اهو وعدي پورو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو جيڪو انگريزن پهرين ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ يهودين جي مدد جي بدلي ۾ ساڻن سان ڪيو هو انگريز وعدي جا پڪا هئا يعني هڪ يهودي رياست جو وعدو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي هزارين يهودين سان ڀريل جهاز مقدس سرزمين (فلسطين) ۾ اچي پهتا. فلسطينين بحيثيت انسانيت جي انهن جي دل جي گهرائين سان ڀليڪار ڪئي ليڪن اهي شايد مستقبل جي اچڻ واري قيامت کان بي خبر هئا (چوته اها دنيا جي اهڙي بدنيت ۽ وحشي قوم آهي جيڪا پنهنجن پيغمبرن ۽ نبين کي به کهڻ کان نه مڙي) 10 کان 15 سيڪڙو ماڻهن جي وچ ۾ يهودين جي آبادي 30 سيڪڙو تائين وڌي وئي. جنهن جو نالو اسرائيل هو ليڪن اهو منصوبو عربن جي دلچسپي جي خلاف ثابت ٿيو عربن ۽ يهودين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي ۽ وڌندي 1948ع ۾ عرب اسرائيل جنگ جي شڪل اختيار ڪري وئي. اسرائيل هڪ فاتح طاقت جي تحت اڀريو هزارين فلسطيني اجل جو شڪار ۽ بي گهر بڻ ٿيا. ليڪن اهو ظلم وستم، بيعزتي ۽ امتيازي سلوڪ اچڻ واري باب جو محض هڪ ٽريلر هو 1967ع (ڇهن ڏينهن واري جنگ) ۾ اسرائيلين فلسطينين جي سموري زمين تي قبضو ڪري ورتو

فلسطيني رياست جي خواب تي هڪ آخري فل اسٽاپ نشان رهجي ويو بيشڪ انهن فلسطيني زمين تي قبضو ڪيو ليڪن هنن فلسطينين کي حقيقي شهري مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هنن فلسطين کي هڪ کليل جيل بڻائي ڇڏيو هر فلسطيني علائقي جي پرسان فوجي اڏا قائم ڪري ڇڏيائين. فلسطيني سرزمين تي صيهونيت جون وسنديون مسلط ڪيون ويون. خوراڪ کان وٺي ڪري بجلي ۽ بجلي کان وٺي ڪري روزمره جي زندگي ۾ استعمال ٿيڻ وارين شين تائين سڀ ڪجهه اسرائيل پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪري ڇڏيو فلسطينين کي علائقي تائين محدود ڪيو ويو اهي پڇي به نٿي سگهيا. اجازت ڪانسواءِ ڪيڏانهن منتقل به نٿي ٿي سگهيا. مان ان کي نئين دنيا جو هولوڪاسٽ سڏيان ٿو جيڪڏهن (هڪ عربي هولو ڪاسٽ) بعد ۾ فلسطين جا ڪيترائي سياسي نمائندا ناڪام رهيا. 20 صدي جي پڇاڙي ۾ هڪ بنياد پرست اڳواڻ بنجمن نيتن ياهو اسرائيلي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جنهن جي لفلسطين کي فلسطينين جي لاءِ جيري جاڳندي دوزخ بڻائي ڇڏيو ڪوبه انهن سان گڏ ناهي انهن بيگناهن جي قتل تي عرب ملڪ خاموش تماشائي بڻيل آهن مغربي منافقت پنهنجي عروج تي آهي. اهي اسرائيل جي انسانيت سوز ظلم کي ڏسڻ جي باوجود انهيءَ جو ساٿ ڏئي رهيا آهن اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته اسرائيلي فلسطينين سان ساڳيوئي سلوڪ ڪري رهيا آهن جيئن هٽلر يهودي اسرائيلين سان ڪيو. اڄ فلسطينين کي خاردار تارن سان چوڌاري قيد ڪيو ويو آهي. انهن جي هر قسم جي چرپر جي نگراني ڪئي پئي وڃي. هڪ عام فلسطين هئڻ جي لاءِ همت جي ضرورت هوندي آهي. ٿورو سوچيو ته اوهان پنهنجن گهرن ۾ سمهي رهيا آهيو يا سٽل آهيو ۽ اوچتو رستا بم ڌماڪن سان پڙاڏو ڪري وڃن ۽ اوهان بيدار ٿي ڪري اٿڻاڻ ماڻهن جي قطارن ۾ ڊوڙڻ لڳو پوءِ به هن خوف سان گڏ ڪٽي ڪو اوچتو بم نه مٿان اچي ڪري. فلسطيني هڪ گهري صدمي کان گذري رهيا آهن ليڪن اهي اڃا به پنهنجن حقن جي لاءِ مڙس ماڻهو بڻجي وڙهي رهيا آهن. منهنجي لاءِ حقيقت ۾ اهي زمين تي رهڻ وارا عظيم انسان آهن ايتري ڏکي ڏاڍ ۽ ظلم ۽ انڌير نگري جي باوجود به اسرائيل هيئنر تائين ڪامياب نٿي سگهيو آهي. فلسطينين جا ڳاٽ اڃان به شان سان اوچا آهن ۽ اهو اهڙوئي اڪيلو سبب آهي جيڪو فلسطينين کي اسرائيل کان متاهين مقام تي رکي ٿو مان چڱيءَ ريت ڄاڻان ٿو ته هيئنر آزادي حاصل ڪرڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. ليڪن اهي هر قسم جون مصيبتون ۽ ڏاڍ برداشت ڪندا پر اهي ٽٽڻ يا جهڪڻ وارن منجهان ناهن چوته انهن جي لاءِ موت ايترو ئي پيارو آهي. جيتري اسان جي لاءِ زندگي. مون کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن اهي ضرور ڪامياب ٿيندا ۽ بيداري جون زنجيرون ٽوڙي سک ۽ شانتي کي پنهنجي ڇاتي سان لائيندا!!!

بقايا *** 01

هوندا آهن ڇا اهڙي ماحول ۾ چونڊ مهم هلائي سگهجي ٿي ڇا اهڙين حالتن ۾ چونڊون ٿي سگهن ٿيون مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان مسلم ليگ(ن) سان ملي تحريڪ هلائي آهي. انهن سان آئنده به تعلق برقرار رکڻ چاهيون ٿا. اسان چونڊن ۾ (ن) ليگ سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ ڪنداسين. انهن سان چونڊ اتحاد ٿي ويو آهي جيڪو چونڊن کان پوءِ به جاري رهندو مسلم ليگ (ن) سان چونڊن جي حوالي سان ڪميٽيون جوڙي ڇڏيون آهن. ٻنهي پارٽين ۾ اتفاق ٿي ويو آهي. اسان هاڻ بنيادي اتحادي بڻجي چڪا آهيون. پيپلز پارٽي سان چونڊن جي معاملي تي ڪو به رابطو نه ٿيو آهي. هن چيو ته ڪنهن ٻئي پارٽي جي اندروني معاملن تي نه ڳالهائيندس. پر تحريڪ انصاف سياسي پارٽي نه آهي. پي ٽي آءِ پارٽي نه پر هڪ ڪوڪٽو هو جنهن ۾ هوا ڀري وئي هئي. جنهن مان هاڻ هوا نڪري وئي آهي. پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن ۾ سڀني کي خبر پئجي وئي آهي ته اها سياسي پارٽي نه آهي. جيڪي وفاداريون تبديل ڪري رهيا آهن انهن کي زبردستي پي ٽي آءِ ۾ شامل ڪيو ويو هو هاڻ اهڙن چهرن کي بي نقاب ڪرڻ گهرجي جنهن ماڻهن کي زبردستي پي ٽي آءِ ۾ شامل ڪيو.

بقايا *** 02

137.62 سيڪڙو مهانگي ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. سوئي ناردرن طرفان گئس 1715 روپيا في ايم ايم بي ٽي يو مهانگي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. گئس جي قيمت ۾ واڌ پهرين جولاءِ 2023ع کان گهري وئي آهي. درخواست 24_2023 جي آمدني ضرورتن ۾ کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ داخل ڪئي وئي. اوگرا طرفان سوئي ناردرن جي درخواست تي 11 ڊسمبر تي ٻڌڻي ڪئي ويندي.

بقايا *** 03

جو انڪشاف سامهون اچي ويو آهي اهڙو انڪشاف ڊاڪٽر عافيه صديقي جي وڪيل ڪلائيو اسٽيفورڊ طرفان ڪيو ويو جنهن چيو آهي ته پاڪستان جي حڪومت ڊاڪٽر عافيه سان ٿيل جنسي زيادتي جي واقعن کان چڱي ريت آگاهه آهي. ڊاڪٽر عافيه جي وڪيل ڪلائيو اسٽيفورڊ اسمٿ نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي چيو ته مون کي ڊاڪٽر عافيه صديقي جنسي زيادتي جو ٻڌايو جنهن جي مون شڪايت به داخل ڪئي عافيه جي وڪيل ڪلائيو اسٽيفورڊ چيو ته بگرام جيل ۾ به ڊاڪٽر عافيه سان جنسي زيادتي ڪئي وئي هئي. ڊاڪٽر عافيه سان بگرام ۾ جنسي زيادتي بطور جاچ جي طريقي طور ڪئي وئي. وڪيل ڪلائيو اسٽيفورڊ اسمٿ موجب ڊاڪٽر عافيه سان هر ڏينهن بدسلوڪي ۽ تشدد ڪيو ويندو هو.

بقايا *** 04

خيالن جو اظهار ڪندي آصف علي زرداري چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کان پوءِ هاڻ نوازشريف لاڏلو بڻجي چڪو آهي ۽ عوام لاڏلن کي نه پر پنهنجي چونڊيل نمائندن کي پسند ڪندا آهن آصف علي زرداري چيو ته ريڊ ڪارپيٽ لاڏلن جي لاءِ وڇايو ويندو آهي. اسان جي لاءِ نه. اسان کي ڪنهن ٻئي جا نه پر عوام جا دل کٽڻا آهن. هن چيو ته عام چونڊن ۾ گهٻرائڻ جي ضرورت نه آهي پر هاڻ اسان کي مقابلو ڪرڻو آهي. لاهور ۽ پنجاب جي هر حلقي تان سٺا اميدوار آڻڻا آهن ۽ چونڊون کٽي بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻائڻو آهي. آصف علي زرداري چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت اميدوارن جو ڀرپور ساٿ ڏيندي جڏهن ته بلاول ڀٽو زرداري پنجاب جي 9 ڊويزن ۾ ڪرنايل ڪنوينشن کي خطاب ڪندو اجلاس دوران اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف کي چونڊن ۾ ٽڪيٽ جي خواهشمند اميدوارن جي انٽرويوز لاءِ نامزد ڪيو ويو ۽ اهو طئي ڪيو ويو ته اهو صوبائي ۽ ضلعي عهديدارن سان ملي انٽرويو ڪندو.

بقايا *** 05

۾ ڪئي وئي آهي. جيڪا سڀني واهپيدارن تي لاڳو ٿيندي. جڏهن ته لائف لائن ۽ ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن کي ڇوٽ حاصل هوندي. نيپرا نوٽيفڪيشن موجب آڪٽوبر ۾ 9 ارب 50 ڪروڙ يونٽ بجلي پيدا ڪئي وئي. جيڪا ريفرنس کان گهٽ آهي. آڪٽوبر جي فيول ڪاسٽ ايڊجسٽمينٽ ۾ 3 روپين کان وڌيڪ في يونٽ رهڻ جي مد ۾ شامل ڪيا ويا آهن نيپرا في يونٽ بجلي 3 روپيا 7 پئسا مهانگي ڪئي آهي. نوٽيفڪيشن جي منظوري وفاقي حڪومت ڏيندي.

بقايا *** 06

جو انڪشاف سامهون اچي ويو آهي. نيپرا پاران شروع ڪيل جاچ ۾ ملڪ جي سمورين بجلي ڪمپنين تي اوور بلنگ ثابت ٿي وئي آهي جنهن کان پوءِ نيپرا طرفان بجلي ڪمپنين خلاف ڪارروائي جو اعلان ڪيو ويو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ هڪ ڪروڙ 39 لک صارفين جي ميٽرز جي ريڊنگ 30 ڏينهن کان وڌيڪ ڏينهن تي ورتي وئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪمپنين طرفان 30 ڏينهن کان وڌيڪ جي بلنگ ڪرڻ سان لکين واهپيدار متاثر ٿيا. خراب ميٽر وقت تي تبديل نه ڪرڻ سان بجلي ڪمپنين ايوريج بل اماڻيا. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بجلي ڪمپنين پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ ڄاڻي واڻي بدديانتي ڪئي ۽ بجلي ڪمپنين جي نااهلي سان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙن ڏانهن به واڌو بل اماڻيا ويا. نيپرا رپورٽ موجب اهڙن قدمن سان بجلي ڪمپنين کي بلن جي وصولي گهٽ رهي. نيپرا بجلي ڪمپنين کي نوٽيس اماڻي وضاحت طلب ڪري ورتي آهي. پنجاب جون پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپنيون ايماندار بجلي صارفين کان اوور بلنگ جي ذريعي 675 ارب روپيه ساليانو غيرمنصفاڻي طور تي وصول ڪري رهيون آهن اهي ناجائز وصوليون پاور ڪمپنيون پنهنجي نااهلي ۽ غفلت سبب ٿيندڙ نقصان جي ڪري وصول ڪري رهيون آهن. پاور ڊويزن جي سيڪريٽري راشد لنگڙيال صحافين کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بجلي صارفين جي لاءِ حڪومت 900 ارب روپين جي سبسڊي ڏني آهي پر حڪومت صرف 327 ارب روپيه ئي فراهم ڪري رهي آهي. جڏهن ته 573 روپيه بجلي صارفين کان وصول ڪيا پيا وڃن. ان موقعي تي اطلاعات بابت وزير مرتضيٰ سولنگي به موجود هو. پاور ڊويزن جي سيڪريٽري وڌيڪ ٻڌايو ته پنجاب جون پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپنيون (ميپڪو، فيسڪو، ليسڪو ۽ گيپڪو) پنهنجي نقصانن کي گهٽ ظاهر ڪرڻ لاءِ اوور بلنگ ذريعي صارفين کان ساليانو 100 ارب روپيه اضافي وصول ڪري رهيون آهن.

بقايا *** 07

۾ نه رڳو خوراڪ جي کوٽ جو مسئلو ٿيندو پر اٽو پڻ وڌيڪ گهڻو مهانگو ٿي ويندو. جنهن جا سڌا سنئان اثر عام ۽ خاص طور تي ملڪ جي غريب طبقي تي پوندا. ان ڪري ضروري آهي. پيداوار ۾ واڌ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڀاڻ ۽ ٻين شين جي اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن. حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر محمود نواز شاهه، ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي، ڊاڪٽر محمد بشير نظاماڻي، سيد نديم شاهه ۽ ٻين چيو ته بحران جي ور چڙهيل معيشت ۾ ٻنا ڪنهن سپورٽ جي. زرعي شعبو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هن سال قومي معيشت ۾ 3 کان 5 ارب ڊالرز جي واڌ ڪندو. جيتوڻيڪ هن شعبي جي صلاحيت ان کان به گهڻي وڌيڪ آهي. پر زرعي پيداوار لاءِ استعمال ٿيندڙ شين جي اگهن ۾ وڏي پيماني تي ٿيندڙ واڌ ان صلاحيت مان فائدو وٺڻ ۾ رڪاوٽ ٿيل آهي. اهي پيداواري خرچ زرعي اپت جي ملندڙ اگهن سان مطابقت نه ٿا رکن. زرعي پيداوار لاءِ استعمال ٿيندڙ شين ۾ يوريا ڀاڻ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي. جنهن جي گذريل ڏيڍ سال کان بليڪ مارڪيٽ ٿي رهي آهي. يوريا کان پوءِ ٻي نمبر وڌيڪ استعمال ٿيندڙ ڀاڻ ڊي اي پي آهي. جيڪو پڻ مقرر ٿيل اگهه کان گهڻو مهانگو ڪرو ڪيو پيو وڃي. ان انتهائي اهم معاملي تي جڏهن هتي سنڌ آبادگار بورڊ طرفان پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهيون ته ان ئي وقت تي ضلعي سانگهڙ ۽ گهوٽڪي ۾ احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو پيو وڃي ته جيئن هن بحران واري معاملي کي اُٿاري سگهجي جيڪو وقت گذرڻ سان گڏ وڌندو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ آبادگار بورڊ جي هڪ ڪاٿي موجب رڳو يوريا جي بليڪ مارڪيٽنگ سان ئي آبادگارن کان 130 ارب روپيا وڌيڪ اوڳاڙيا پيا وڃن. اهو ڏٺو ويو آهي ته جڏهن به اهم فصلن جي پوک ٿيڻي هوندي آهي جيئن هن وقت ڪڻڪ جي پوک ٿي پئي ته اهڙي وقت جو اهي ناجائز منافع خور وڌيڪ فائدو وٺندا آهن. چوته اهي ڄاڻن ٿا ته آبادگار ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به اگهه تي ڀاڻ خريد ڪرڻ تي مجبور ٿيندا. هن وقت اهو لڳي پيو ته ذخيره اندوزن وڏي پيماني تي ڀاڻ خريد ڪري لڪائي ڇڏيو آهي ۽ ان کي پنهنجي مرضي جي اگهن تي وڪرو ڪري رهيا آهن ۽ لاڳاپيل ذميوار هي سڀ ڪجهه خاموشي سان ڏسي رهيا آهن ان معاملي جي ذميواري ڀاڻ ٺاهيندڙ ڪمپنين، انهن جي ڊيلرن ۽ حڪومت تي لاڳو ٿئي ٿي. ڪير به ان جي پڪ نه ٿو ڪري ته آبادگارن کي يوريا ڀاڻ ڪمپنين جي مقرر ٿيل اگهن تي ملي پيو يا نه. ڪمپني جيڪو اگهه مقرر ڪندي آهي ان ۾ ڊيلرز سميت سمورا مارجن شامل ٿيل هوندا آهن. ڪمپنين وٽ اهو ڄاڻڻ لاءِ مضبوط نظام آهي ته ڀاڻ ڪٿي ۽ ڪيترو موڪليو وڃي ٿو ۽ ان ڪري ڪين پنهنجي ڊيلرز کي مجبور ڪرڻ گهرجي ته هو ڀاڻ مقرر ٿيل اگهه تي ئي وڪڻن. پر اهي ڪمپنيون پنهنجي ذميواري نه پيون نڀائين. جنهن ڪري ئي ڊيلر اگهن جي معاملي ۾ پنهنجي مرضي پيا هلائين. اها حڪومت جي پڻ بنيادي ذميواري آهي ته اها آبادگارن کي ڦرجڻ کان بچائي. ڊيلرن جي آبادگارن سان بنيادي ذميواري ۽ سڌو رابطو رهي ٿو ۽ 90 سيڪڙو ننڍا آبادگار 16 ايڪڙن کان گهٽ زمين رکن ٿا. جنهن جو فائدو وٺندي اهي ڊيلر انهن آبادگارن کي زرعي شيون پنهنجي مرضي جي اگهن تي وڪڻن ٿا. هنن چيو ته هن مهل ڀاڻ اوور چارجنگ جو اثر تمام گهڻو آهي جيڪو ٻين شعبن ۾ به محسوس ٿيندو. حڪومت ڪا اثرائتي ڪارروائي نه ڪري معيشت ۾ بليڪ مارڪيٽنگ کي هٿي ڏئي رهي آهي. ان کان علاوه، جڏهن آبادگار پاڻ کي انهن وڌل خرچن کان بچائڻ لاءِ ان جو گهٽ استعمال ڪندا ته زرعي پيداوار ۾ وڏي گهٽتائي اچي سگهي ٿي ۽ پيداوار گهٽجڻ جي نتيجي ۾ آبادگارن جي مالي سگهه گهٽجڻ سان گڏ خوراڪ جي تحفظ جا مسئلا پڻ پيدا ٿي سگهن ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته هن وقت جڏهن ڪڻڪ جي پوک ٿي رهي آهي اهڙي امر جي ضرورت آهي ته جيڪڏهن آبادگارن کي مناسب اگهن تي ڀاڻ نه ملندو ۽ اهي ان جو استعمال نه ڪندا يا وري گهٽ ڪندا ته ان سان ڪڻڪ جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ نه رڳو خوراڪ جي کوٽ جو مسئلو ٿيندو پر اٽو پڻ وڌيڪ گهڻو مهانگو ٿي ويندو. جنهن جا سڌا سنئان اثر عام ۽ خاص طور تي ملڪ جي غريب طبقي تي پوندا. ان ڪري ضروري آهي. پيداوار ۾ واڌ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڀاڻ ۽ ٻين شين جي اگهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن. سنڌ آبادگار بورڊ 23 آڪٽوبر تي سکر ۽ گذريل هفتي حيدرآباد ۾ سنڌ جي نگران وڏي وزير سان گڏجاڻين ۾ کيس ان بحران بابت باضابطه طور آگاهه ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه سنڌ آبادگار بورڊ گذريل هڪ سال کان مختلف سطحن تي ڪمپنين، ڊيلرز ۽ سرڪاري عملدارن سان ان مسئلي کي اٿاري رهيو آهي پر بدقسمتي سان رڳو مقامي سطح تي ڪجهه انتظامي قدمن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿيو آهي. ان ڪري اسين حڪومت کي گذارش ڪنداسين ته ڪمپنين سان ڳالهه ٻولهه ڪري ته جيڪڏهن انهن کي گئس جي درآمد يا فراهمي ۾ ڪي مسئلا آهن ته انهن جي حل لاءِ اپاءَ وٺي ته جيئن آبادگارن کي مقرر اگهن تي ۽ سولائي سان ڀاڻ ملي سگهي.

بقايا *** 08

اصغر سنجراڻي کي زخمي ڪري جوابدار آسانيءَ سان فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي. پوليس مقتول جي لاش کي ضابطي واري ڪارروائي بعد زخمي کي علاج لاءِ سمس اسپتال آندو. سمس اسپتال ۾ مقتول جي وارثن ۽ زخمي ٻڌايو ته شهدادپور جي ڪورٽ مان شنوائي ڏئي موٽرسائيڪل تي واپس ڳوٺ خيرو سنجراڻي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين ته ڳوٺ گل محمد سهتو وٽ سلطان ڪيريو، موسيٰ ڪيريو، اعجاز ڪيريو ۽ ڪيريا برادري جي ٻين جوابدارن روڪي ليسون هٿين فائرنگ ڪري حسين بخش عرف ارباب ڪيريو کي قتل ڪري فرار ٿي ويا. مقتول جي وارثن ٻڌايو ته اسان جي ڪيريا برادري سان رستي جي معاملي تان ڇڪتاڻ هلندڙ هئي جنهن سبب جوابدار ڌر جو 2 مهينا اڳ اسماعيل ڪيريو مارجي ويو هو جنهن جو فيصلو ٿيل هو. ايس ايڇ او شهدادپور ٻڌايو ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا *** 09

طريقي سان وڪرو ٿي رهي آهي. جيڪو وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هن چيو ته غير معياري سلينڊر ۽ صحت لاءِ نقصانڪار گئس جي استعمال سان قيمتي جانين جو نقصان ٿي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته غير معياري سلينڊر ۽ غير معياري گئس جو وڪرو ڪندڙ جي سزا 6 مهينن مان وڌائي 2 سال ڪرڻ ۽ 10 لک روپين تائين ڏنڊ جي تجويز حڪومت کي موڪلي وئي آهي. اوگرا چيئرمين عوام کي اپيل ڪئي ته سستو ۽ غير معياري سلينڊر خريد نه ڪيو. اهو نقصانڪار ٿي سگهي ٿو.

بقايا *** 10

آءِ اليڪشن رڳو ڏيکاءُ ڪرڻ ۽ اليڪشن ڪميشن کي دوکو ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش هئي. فراڊ چونڊ عمل پي ٽي آءِ ميمبرن کي ووٽ ڏيڻ ۽ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي حق کان محروم ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن ايڪٽ 217 جي سيڪشن 208 ۽ ماتحت شق 2 جي ڀڃڪڙي آهي. اڪبر بابر درخواست سان گڏ وڊيو فوٽيج ۽ ٻيون شاهديون به اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيون. چيف اليڪشن ڪمشنر جي نالي ڏهن صفحن تي ٻڌل درخواست ۾ اليڪشن ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 208 جو حوالو ڏنو ويو آهي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته اليڪشن ڪميشن نئين انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ۽ اڏائي ڏين ۾ مقرر ڪري ڇڏي پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي اليڪشن جي نگراني ڪري. شفاف انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرائڻ تائين چونڊ نشان (بيٽ) استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وڃي.

بقايا *** 11

ڪريون ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي. هن چيو ته انهن ٻارن جو خيال رکڻ کان بغير اسان مهذب نٿا سڏائي سگهون. هن چيو ته سنڌ جو وڏو وزير جسٽس ريٽائرڊ مقبول باقر عام ماڻهن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ پرعزم آهي ۽ اسان ان ڪم ۾ سندس ساٿي ۽ مددگار آهيون. نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه چيو ته هو انهن خاص ٻارن جي تخليقي ڪم لاءِ مناسب معاوضو ڏيارڻ لاءِ سرڪاري ادارن کي خاطري ڪرائيندو ته پنهنجي خريداري سان انهن ٻارن جي حوصلا افزائي ڪن. هن چيو ته مون کي انهن ٻارن ۾ شامل ٿيڻ تي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ۽ اسان سنڌ حڪومت ۽ آرٽس ڪائونسل انهن ٻارن جي حوصلا افزائي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪنداسين. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ مختلف معذور ٻارڙن ۽ ٻارڙين پاران تيار ڪيل هينڊ ڪرافٽس، پينٽنگس ۽ آرٽس جا نمونا ڏٺا ۽ ٻارڙن ۽ ٻارڙين جي تخليقي صلاحيتن کي ساراهيو. تقريب ۾ اسپيشل ٻارن جي اسڪولن جي شاگردن قومي ۽ علائقائي ثقافتن تي ٻڌل سريلي ٽيبلوز پيش ڪيا. جن کي حاضرين دل کولي ڪري تعريف ڪئي. تقريب جو انتظام صوبائي ڊپارٽمينٽ فار ايمپاورمينٽ آف اسپيشل پرسنز جي تعليمي ادارن فار اسپيشل پرسنز جي سهڪار سان ڪيو ويو تقريب ۾ معذورن جي بااختيارگي واري کاتي جي سيڪريٽري طه فاروقي ۽ ٻين سينيئر آفيسرن کان علاوه جاپان جي دانشور ۽ اسڪالر هيروجي ڪتاڪورا ۽ عظمت اتاڪا پڻ موجود هئا. تقريب کي صوبائي سيڪريٽري طه فاروقي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 12

ٽي آءِ ۾ شموليت جي دعوت ناهي ملي اهي منهنجي طبيعت کان چڱي ريت واقف آهن لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي اعتزاز احسن چيو ته چٽو نظر اچي رهيو آهي ته هي سائفر ڪيس ۾ سزا ڏيارڻ لاءِ تيار آهن. خط جو اصل مخاطب آرمي چيف هو. هي ڪيس ٻڌي آهي، هن ۾ سيڪريٽ ڇا آهي؟ اعتزاز احسن چيو ته مجهي ماڻهو چونڊن کي پڇي رهيا آهن ته آهن صرف (ن) ليگي اڳواڻ آهن. ميان صاحب هتي اچي ڦاسي ويو آهي. ميان صاحب جي جڏهن هتان کان ٻاهر پهچڻ پوندو تڏهن ڪيس خبر پوندي. سينيئر وڪيل چيو ته هاڻ توشه خاني جا به رولز آهن جڏهن ڪوبه تحفو ورتو ويندو آهي ته ان جي قيمت طئي ڪئي ويندي آهي. اڳوڻي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو کان وٺي اڄ تائين سڀ اهڙيون شيون وٺندا رهيا آهن جنهن جي اجازت نه آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ اعتزاز احسن چيو ته مون کي پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت جي دعوت نه ملي آهي اهي منهنجي طبيعت کان چڱي ريت واقف آهن ان جي جواب ۾ چيو ته عدالت ۽ عام شهري کي اچڻ وڃڻ جي اجازت هجي. ان لاءِ عمران خان جو ٽرائل به جوڊيشل ڪمپليڪس ۾ ٿيڻ گهرجي ته جيڪڏهن اهي هڪ ماڻهو کي سيڪيورٽي نٿا ڏئي سگهن. اڏيالا کان جوڊيشل ڪمپليڪس تائين کڻي نٿا وڃي سگهن ته 24 ڪروڙ ماڻهن کي ڪيئن تحفظ ڏيندا.

بقايا *** 13

ٿيو. اجلاس ۾ فريال ٽالپر، نثار کهڙو، وقار مهدي، مراد علي شاهه، عاجز ڌامراهه ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. جڏهن ته ناصر شاهه، سعيد غني، عبدالقادر پٽيل ۽ مڪيش ڪمار چاولا ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران پ پ جي سنڌ جي پارليامينٽري بورڊ چونڊن ۾ ٽڪيٽن ڏيڻ بابت تجويزون ڏنيون جڏهن ته اڳواڻن 27 ڊسمبر تي شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي جي انتظامن بابت به تجويزون ڏنيون. بلاول ڀٽو زرداري پاران پارٽي اڳواڻن کي اليڪشن جون تياريون تيز ڪرڻ جون هدايتون ڪيون ويون.

بقايا *** 14

ماڊل ٽائون لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته عدالت ۾ آمريڪي سفير کي ته نه پر (ر) جنرل باجوه کي ته گهرائي سگهون ٿا جيئن عمران خان جا ڪرتوت سامهون اچي سگهن. ان کان علاوه فيض حميد، لطيف کوسا ۽ ثاقب نثار کي ته ضرور گهرائي سگهجي ٿو ته عمران خان جي ڪرتوتن جي خبر پئجي سگهي. جاويد لطيف چيو ته پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين ڌمڪي ڏئي شيخ مجيب الرحمان بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سهولتڪارن کي سمجهه اچڻ گهرجي ته اهو انهن جي ايجنڊا کي نه پر عالمي ايجنڊا کي پورو ڪندو. عمران خان کي سهولتڪاري ملي آهي. ان لاءِ جيل ۾ ويٺل شخص کي جڏهن موقعو ملي ٿو اهو رياست جي ادارن تي حملا ڪندو آهي. معيشت کي ڪمزور ڪرڻ جو ايجنڊا جيل جي ڏنو ويو هو ته جيئن مخالف طاقتن کي آساني ٿي سگهي. معيشت کي ڪمزور ڪيو ويو جنهن کان پوءِ 9 مئي واقعو ڪرڻ آسان ٿي ويو. ليگي اڳواڻ چيو ته امڪان آهي ته عالمي طاقتون هڪ ايجنڊا تي عمران خان کي سپورٽ ڪري رهيون آهن ان لاءِ عمران خان کي ٿي ڏهاءِ وڃي رهيون آهن. عالمي طاقتن ادارن جيل ۾ به ڏيسي ڪڙ ڪجهري. هن 9 مئي واقعي کي ناهي وساريو ٻيهر 9 مئي واقعي جي منصوبه بندي ڪري رهيو آهي. طاقتن جي دٻاءُ سبب فيصلا دير جو شڪار ٿي رهيا آهن. عام چونڊن کان اڳ فيصلا اچي وڃن ته جيئن قوم کي سهوليت ٿئي ۽ کليل ذهن سان پولنگ اسٽيشن وڃي سگهن.

بقايا *** 15

جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولو 4 هزار 200 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ ٻه لک 19 هزار 400 رپين جو ٿي ويو آهي. ان سان گڏ سون جي ڏهه گرام جو اگهه به 3 هزار 601 رپيا گهٽجڻ سان 1 لک 88 هزار 100 رپيا ٿي ويو آهي. ان کانسواءِ عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 27 ڊالر سستو ٿيڻ کانپوءِ 2037 ڊالرن جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 16

موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر 15 پئسا سستو ٿيو. ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر جو اگهه 284 رپيا 38 پئسا آهي. جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 25 پئسا گهٽجڻ سان 285 رپيا 25 پئسا آهي.

بقايا *** 17

ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 5 رڪني بئنچ عمران خان کي پارٽي جي عهدي تان هٽائڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ عمران خان جو وڪيل شعيب شاهين اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو. شعيب شاهين پنهنجي دليلن ۾ چيو ته اسان انٽرا پارٽي چونڊن جو رڪارڊ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي هاڻ هي ڪيس ختم ٿيڻ گهرجي. قانوني طور تي اهو معاملو ختم ٿي ويو آهي ته پارٽي جو نئون چيئرمين مقرر ٿي ويو آهي. شعيب شاهين چيو ته جيڪڏهن اوهان هن ڪيس کي هلائڻ چاهيو ٿا ته اڪبر ايس بابر پٽيشن داخل ڪري رهيو آهي ان سان گڏ هلايو وڃي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اوهان خالد محمود کي موقعو ڏئي رهيا آهيو ته اهو نئين چيئرمين خلاف به پٽيشن داخل ڪري. درخواستگذار خالد محمود چيو ته اوهان آرڊر ۾ لکي ڏيو ته اڳوڻو پي ٽي آءِ چيئرمين سزا يافته آهي اهو پارٽي جو ڪوبه عهدو نٿو رکي سگهي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين پنهنجو عهدو ڇڏي ويو آهي ته اسان کيس ڪجهه نٿا چئي سگهون. اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ جي چيئرمين جي چونڊ بابت ڪارروائي ۽ اڳوڻي چيئرمين جي نااهلي بابت محفوظ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن چيو ته پي ٽي آءِ جي رڪارڊ جي روشني ۾ اڳوڻي چيئرمين عمران خان جي نااهلي بابت فيصلو بعد ۾ ٻڌايو ويندو.

بقايا *** 18

جي ترديد ڪري ڇڏي. هڪ اخبار دعويٰ ڪئي هئي ته پاڪستاني ادارن خلاف مهم هلائڻ جي الزام هيٺ ميٽروپوليٽن پوليس ريٽائرڊ عادل راجا کي لنڊن مان گرفتار ڪيو آهي. گرفتاري کانپوءِ آزادي ڏيڻ جي تصديق نه ٿي سگهي هئي. آفيشل ايڪس هينڊل تي گرفتاري جي ترديد ڪندي عادل راجا لکيو ته برطانوي پوليس طرفان منهنجي گرفتاري توڙي پڇا ڳاڇا جي جعلي خبر پاڪستاني ميڊيا يعني بليڪ ميلنگ گروپ جي ڪاروبار طرفان شايع ڪئي وئي. پاڪستاني خابرو اداري جي ساک کي بي نقاب ڪري ٿي. برطانوي پوليس به عادل راجا جي گرفتاري جي خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. ميٽرو پوليٽن پوليس ان حوالي سان وضاحت ڏيندي چيو ته عادل راجا کي لنڊن پوليس جي طرفان گرفتار ناهي ڪيو ويو.

بقايا *** 19

موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي اسان جي دل، دماغ، شاهه رڳ، تخت گاهه آهي ته ان کان سواءِ سنڌ تصور ڪرڻ ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ ڪجهي جو ٻولڪو هار آهين سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ هائي ذاتي مفادپرستن جي لالچ ۾ ڏاينداِ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. اهوئي ترقي جو رستو آهي. شاگرد ملڪ ۾ تعليم، امن ۽ صحت لاءِ ڪردار ادا ڪن. اياز لطيف پليجي چيو ته جون ايليا اردو جو بي مثال روايت شڪن ۽ باغي شاعر هو. جون ايليا جي طرز ۽ روايت شڪني جي تقليد ڪئي ڪو به شاعر نه ڪري سگهيو جون ايليا نوجوانن لاءِ ذهن ساز ۽ رجحان ساز شاعر آهي. ادب ۽ شاعري کان سواءِ قومون کوکليون ٿي وينديون آهن. اردو ۽ سنڌي شاعري امن، مساوات ۽ محبت جي شاعري آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ تهذيب جي ماءُ آهي. دنيا کي سنڌو تهذيب تي فخر آهي. اسان کي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو ملڪ جي هر ٻار تي فخر آهي. سنڌي ماڻهو امن پسند، ترقي پسند، روشن خيال، علم دوست، انسان دوست، موسيقي ۽ رقص سان پيار ڪندڙ آهن سنڌ عظيم تهذيب جي سرزمين آهي. سنڌ دنيا کي امن، رواداري ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي. پيپلز پارٽي ۽ زرداري ٽولي سنڌ جي وسيلن کي ڦرمار ڪري ڇڏي آهي. هو سنڌ جي سرزمين جي مالڪن کي فقير بڻائي ڇڏيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته چونڊن کان اڳ اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن کي شفافيت لاءِ روڊ ميپ ڏيڻ پوندو استحصال، غربت ۽ تعصب جي خاتمي لاءِ سماجي ۽ خانداني قدر تباهه ٿي ويا آهن وچولو طبقي ۽ نوجوانن کي ايندڙ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان جي مسئلن جو حل هڪ سچي، منصفاڻي ۽ جمهوري وفاق ۾ آهي. حڪمرانن جي ايجنڊا مان عورتون، هاري، اقليتون ۽ مزدور غائب آهن. هي حڪومتون جيڪي عوام کي هڪ پئسا ڪسي ونڊينديون، اهي ڪهڙي حڪومت ڪنديون؟ اياز لطيف پليجي چيو ته دشمن قوتون ملڪ ۾ عدم استحڪام جو فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪنديون پاڪستان جي ترقي لاءِ دهشتگردي، تعصب ۽ ڪرپشن جو خاتمو لازمي آهي. سنڌ ۽ ملڪ مان سمورن غير قانوني پرڏيهين کي وطن واپس موڪليو وڃي.

بقايا *** 20

۾ پوليو خلاف مهم ۾ 2 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي. ضلعي هيلٿ آفيسر موجب قاسم آباد پمپنگ اسٽيشن تان ورتل نموني ۾ وائرس جي تصديق ٿي هئي. 8 نومبر تي پوليو وائرس جي تصديق لاءِ سيمپل ورتو ويو هو ڊي ايڇ او جو چوڻ آهي ته جولاءِ 2021 ۾ سيوريج جي پاڻي ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي هئي.

بقايا *** 21

جاري ڪري ڇڏيا. اڳاري ڏينهن سپريم ڪورٽ گذريل ٻڌڻي جو لکت حڪم نامو جاري ڪندي اٽارني جنرل کي عدالت جي مدد لاءِ طلب ڪري ورتو اپيڪس ڪميٽي کي به نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو عدالت عظمي جي لکت حڪم نامي موجب درخواستگذار طرفان وڏي پئماني تي افغان پناهگيرن جي بي دخلي جي نگران حڪومت جي اختيار کي چيلينج ڪيو ويو آهي. حڪم نامي ۾ لکيو ويو آهي ته درخواستگذار جي وڪيل چيو ته نگران حڪومت کي آئيني ۽ قانوني اختيار ناهي ته اها افغان پناهگيرن کي غيرانساني طريقي سان بي دخل ڪري. حڪم نامي موجب درخواستگذار جي وڪيل سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر جي سيڪشن جار جي نشاندهي ڪئي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته آئيني تشريح جي ڪيسن جي ٻڌڻي گهٽ ۾ گهٽ 5 رڪني لارجر بئنچ ڪندي حڪم نامي ۾ رجسٽرار کي چيو ويو آهي ته ڪيس کي ايندڙ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو وڃي.

بقايا *** 22

جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. پراسيڪيوٽر ۽ جاچ آفيسر ڪيس جو رڪارڊ کڻي عدالت ۾ پيش ٿيا پر علي امين گنڊاپور پيش نه ٿيا. سندس وڪيل راجا ظهورالحسن پيش ٿيا. عدالت علي امين گنڊاپور کي لاڳيتو پيش نه ٿيڻ تي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو. عدالت اشتهاري جاري ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي 4 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 23

ڪيس جي چئني گواهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي سول جج قدرت الله غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران بشريٰ بي بي جي اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا جي گهريلو ملازم محمد لطيف پنهنجو بيان درخواستگذار جي وڪيل رضوان عباسي جي موجودگي ۾ قلمبند ڪرايو عمران خان جي ملازم محمد لطيف بيان قلمبند ڪرائيندي چيو ته عمران خان بشريٰ بي بي جي گهر ايندو هو ۽ هو بشريٰ بي بي جي ڪمري ۾ ويندو هو مان ان جيڪڏهن ڪنهن ڪم جي لاءِ بشريٰ بي بي جي ڪمري ۾ ويندو هئس ته اڳوٺو ڪندو هو ته مون کي ته گهٽ ڳالهائيندس هو ڇٽا مون کي چوندا هئا ته ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃ. محمد لطيف چيو ته مان خاور مانيڪا وٽ گذريل 35 سالن کان پراڻو گهريلو ملازم آهيان ان جي لاءِ مون سان ڪنهن به قسم جو ڪوبه پردو نه آهي. ان جا ٻار به منهنجي هٿن ۾ پلجي وڏا ٿيا آهن مان گهر جي فرد جيان آهيان. خاور مانيڪا جا پاڪپتن شريف، لاهور، اسلام آباد ۾ بنگلا آهن گهر آهن ملازم چيو ته خاور مانيڪا ڪسٽم ۾ ملازم هو مختلف جڳهين تي سندس پوسٽنگ ٿيندي رهندي هئي. ان جا گهر پاڪپتن، لاهور يا اسلام آباد ۾ رهندا هئا. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان خاور مانيڪا جي بني گالا واري گهر ۾ 2015 کان اچڻ وڃڻ شروع ڪيو 2015 ۾ ڪڏهن ڪڏهن. جڏهن ته 2016 ۽ 2017 ۾ خاور مانيڪا جي گهر عمران خان جو گهڻو اچڻ وڃڻ شروع ٿي ويو هو محمد لطيف موجب عمران خان هميشه خاور مانيڪا جي غير موجودگي ۾ سندس گهر ايندو هو خاور مانيڪا کي جڏهن بشريٰ بي بي سان ڳالهائڻو هوندو هو ته اهو فون تي فون ڪندو هو. بشريٰ بي بي جو فون بند هوندو هو ته منهنجي نمبر تي فون ڪندو هو ۽ مون کي چوندو هو ته بشريٰ سان ڳالهائڻو آهي. اهڙن واقعن کان پوءِ خاور مانيڪا ۽ بشريٰ بي بي جا پاڻ ۾ جهيڙا شروع ٿي ويا هئا. گواهه بيان ۾ چيو ته 2017 جي آخر ۾ خاور مانيڪا بشريٰ بي بي کي طلاق ڏئي ڇڏي. مون ڪيترائي ڀيرا عمران خان کي خاور مانيڪا جي فون اچڻ تي چوري ڪري گهر مان ڪڍيو جڏهن ته خاور مانيڪا سان فون تي ڳالهائيندي اها ڳالهه بشريٰ بي بي وٽ ڪمري ۾ اندر ويندو هئس ته مون کي ڌڪا ڏنا ويندا هئا. جيڪڏهن خاور مانيڪا نه هجي ها ته بشريٰ بي بي مون کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏي ها. سول جج قدرت الله گواهه کان پڇاڻو ڪيو ته پراڻي گهر ٿوڪ ڇو ٿي آهي پو ايترا ڪمزور ٿي ويا آهيو؟ ڇا عمران خان ۽ بشريٰ بي بي اوهان کي ڪمري ۾ گڏ ويهاريندا هئا؟ گواهه محمد لطيف چيو ته مون کي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ڪمري ۾ گڏ نه ويهاريندا هئا. مون کي خاور مانيڪا جي حڪم تي چوندا هئا ته انهن کي ڪمري ۾ وڃي ڏسي اچ. جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي کان پوءِ ڪئي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي کان پوءِ جي دليل طلب ڪري ورتا ۽ ٻڌڻي 8 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته محمد لطيف خاور مانيڪا جو گهريلو ملازم آهي ۽ غير شرعي نڪاح ڪيس ۾ عون چوڌري ۽ مفتي سعيد جو بيان پڻ قلمبند ٿي چڪو آهي.

بقايا *** 24

ڇڏيا آهن. ناڻي واري وزارت طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب اليڪشن ڪميشن کي 17 ارب 40 ڪروڙ روپيه جاري ڪيا ويا آهن. پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ناڻي واري وزارت ان کان اڳ 10 ارب روپيه جاري ڪيا هئا ان کان پوءِ هاڻ گڏيل طور تي اليڪشن ڪميشن کي 27 ارب 40 ڪروڙ روپيه جاري ڪيا ويا آهن. ياد رهي ته بجيٽ ۾ چونڊن جي لاءِ 42 ارب روپيه رکيا ويا هئا. اليڪشن ڪميشن فنڊ جاري نه ٿيڻ تي گذريل ڏينهن ناڻي واري وزارت جي سيڪريٽري کي طلب ڪيو هو جنهن ٻن ڏينهن ۾ فنڊ جاري ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو.

بقايا *** 25

جو چوڻ آهي ته نان فائلرز کي نوٽيس بئنڪن ۽ بجلي جي بلن موجب جاچ ڪري موڪليا ويا آهن. ٽيڪس گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙن کي چيو ويو آهي ته اهي فوري طور تي گوشوارا جمع ڪرائين. ايف بي آر موجب نوٽيس ڪانپوءِ ٽيڪس جمع نه ڪرائيندڙن جي موبائل فون سم بلاڪ ڪئي ويندي، ٻئي مرحلي ۾ ٽيڪس نه ڏيندڙن جا بجلي ڪنيڪشن ڪاٽيا ويندا ذريعن جو چوڻ آهي ته ايف بي آر هن سال 10 لک کان وڌيڪ نون ماڻهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جو هدف رکيو آهي.

بقايا *** 26

ورسڪ روڊ تي نجي بئنڪ ۽ اسڪول ويجهو روڊ ڪناري تي لڳل ڌماڪيدار مواد ڦاٽي پيو جنهن سبب زوردار ڌماڪو ٿيو ڌماڪي سبب بئنڪ جا شيشا ٽٽي پيا ۽ ويجهن دڪانن کي به نقصان پهتو آهي. پوليس موجب ڌماڪي جي اطلاع ملي آهي. ريسڪيو ٽيمون ۽ سيڪيورٽي اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا آهن. ريسڪيو اهلڪارن ٻارن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته سيڪيورٽي اهلڪارن واقعي واري هنڌ کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي. پوليس موجب واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي پو اهو بلاڪ رڳو پر کهڙي گاڏي ۾ آندو ويو ڌماڪي جي نتيجي ۾ نجي بئنڪ جو عملو محفوظ رهيو. ٻئي طرف ليڊي ريڊنگ اسپتال جي ترجمان موجب ڌماڪي ۾ 3 ٻار ۽ شامل آهن. زخمي ٻارن جون عمرون 7 کان 10 سالن جي وچ ۾ آهن جن مان هڪ 9 سالن جي ٻار جي حالت گنڀير ڄاڻائي وئي آهي. ترجمان موجب زخمين ۾ احمد جان، احسان الله، جاويد خان، ظاهرالله، سعد احمد ۽ يوسف خان شامل آهن. ايس پي ورڪ ارشد خان موجب جائزي سان ٻڌايو ته ڌماڪو صبح 9 لڳي 10 منٽن تي ٿيو جنهن ۾ 4 ڪلو گرام بارودي مواد استعمال ڪيو ويو ڌماڪي جو ٽارگيٽ ڪير هو اهو چوڻ وقت کان اڳ هوندو.

بقايا *** 27

ڪئي آهي. پوليس موجب ڏوهاري جي موجودگي جي اطلاع تي ڀيهتاسين ۾ فائرنگ ڪئي وئي، پوليس موجب جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڏوهاري علي حسن عرف گرورو شر مارجي ويو مقابلو هلندڙ آهي.

بقايا *** 28

گهانگهرو، اسامر ڏنو گهانگهرو، رجب گهانگهرو سان گڏ احتجاج ڪندي چيو ته اسان جاليه سال اڳ زمين خريد ڪئي هئي جنهن تي زبردستي قبضو ڪرڻ جي لاءِ سنڌو نواز گهانگهرو، حمزو چانڊيو، ماسٽر پنجل گهانگهرو، منظور گهانگهرو، وڏيرو شاهه نواز گهانگهرو، عاشق گهانگهرو، قائم گهانگهرو، نظام گهانگهرو ۽ ٻين اسان جي خاندان مٿان ڏکهي عرصي کان ظلم جا پهاڙ ڪيرائي رهيا آهن ڪيترائي ڀيرا گهر ۾ هٿيارن جي زور تي داخل ٿي مارڪٽ، ڦرلٽ ڪرڻ سان سٽن مهينن جي حمل سان اسان جي نياڻي جو ٻار ضايع ڪري ڇڏيو ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن انهن جي ظلمن کان تنگ اچي اسان پنهنجي زرعي زمين سميت تمام ملڪيت عباس راڄپر کي قطعي طور وڪرو ڪري ڏني آهي راڄپر اسان جا قديمي پاڙيسري پڻ آهن سنڌو نواز گهانگهرو ۽ حمزو چانڊيو خوني تڪرار ڪرائڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن اسان جي خاندان جي زندگين کي خطرو آهي ميان داد گهانگهرو جو وڌيڪ چوڻ هو ته بابا سائين جي تازي واقعي کانپوءِ طبيعت اچانڪ خراب ٿي وئي آهي سندس زندگي کي خطرو آهي سندس موت جي ذميوار مٿي ڄاڻايل ماڻهو هوندا ان موقعي تي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته اسان پنهنجي برادري جي معززين سميت آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي خيرپور، انساني حقن جي تنظيمن سميت وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جون زندگيون بچائڻ لاءِ ٺوس قدم کڻي علائقي جو امن تباهه ڪندڙ ۽ خوني تڪرار جون ڪوششون ڪندڙن جي خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا *** 29

پوائنٽس جي واڌ سان 62 هزار 956 تي ٿي 100 انڊيڪس ڪاروبار جي پڄاڻي کان ڪجهه منٽ اڳ پنهنجي تاريخ جي بلند ترين سطح 63 هزار 36 به ناهي. بازار ۾ اڄ 76 ڪروڙ 54 لک شيئرز جا سودا ٿيا. جن جي ماليت 30 ارب 85 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رهي. ان کانسواءِ مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن 87 ارب روپيا وڌي 9 هزار 93 ارب روپيا آهي.

بقايا *** 30

سندس مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ سليم ڏڏي تي ئي مارجي ويو مقتول جي سٿوٽ عباسي شهيد اسپتال ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان ڪاروباري ماڻهو آهيون. اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني نه آهي. سليم گهر جي ٻاهران واڪ ڪري رهيو هو ته سندس مٿان ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ ڪئي وئي. ڪارا ڪپڙا پاتل موٽر سائيڪل سوارن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ مارجي ويل مقتول سليم چئن ٻارن جو پيءُ هو ٻئي طرف ڀيرو آفيس ويجهو ڦر دوران مزاحمت تي آن لائين فوڊ ڊليوري ڪمپني جو رائيڊر گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪيو ويو فائرنگ دوران ارسلان نالي نوجوان زخمي ٿي پيو هو جنهن کي اسپتال آماليو ويو هو ته هن رستي ۾ دم ڏئي ڇڏيو. اکين ڏٺن شاهدن موجب ٻن موٽرسائيڪل تي سوار هٿيارٻندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي رائيڊر کي گوليون هڻي قتل ڪيو. مقتول ارسلان پنج ڀيڻ ڀائرن ۾ ٻئي نمبر تي هو جيڪو نارٿ ڪراچي سيڪٽر سيون ڊي جو رهواسي هو مقتول گذريل ڏيڍ سال کان آن لائين فوڊ ڊليوري جو ڪم ڪندو هو مقتول غير شادي شده هو رات جي وقت آن لائين فوڊ ڊليوري ڪندو هو.

بقايا *** 31

جمع ڪرائي ڇڏي. وڪيل امتياز بروهي موجب 25 سيپٽمبر تي پوليس سون کي ۽ پاڻ آفتاب سميت گرفتار ڪيو هو پوليس رپورٽ موجب عدالت گم ٿيل شهري آفتاب کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پوليس پاران آفتاب بروهي کي گرفتار ناهي ڪيو ويو. عدالت آفتاب بروهي کي پيش ڪرڻ لاءِ پوليس کي 3 هفتن جي مهلت ڏئي ڇڏي

بقايا *** 32

جي ايئر فورس اڪيڊمي کان معمول جي تربيتي اڏام لاءِ روانو ٿيو هو ۽ اڏام دوران جهاز کي ۾ حادثو پيش آيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٽرينر ۽ ٽرينيءَ پائلٽ فوت ٿي ويا. ڀارتي هوائي فوج حادثي جي تصديق ڪندي چيو آهي ته پي سي سيون ايم ڪي جهاز سورتي طرف ڪري تباهه ٿي ويو جنهن ۾ ٻئي پائليٽ سخت زخمي ٿي پيا. جنهن سبب هو بچي نه سگهيا. ڀارتي هوائي فوج حادثي جي سبب معلوم ڪرڻ لاءِ فوري طور تي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ڀارتي ميڊيا موجب حادثي ۾ ملوث جهاز سنگل انجڻ وارو جهاز آهي جيڪو هوائي فوج جي بنيادي تربيت لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

بقايا *** 33

۾ پوليو خلاف مهم ۾ 2 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي. ضلعي هيلٿ آفيسر موجب قاسم آباد پمپنگ اسٽيشن تان ورتل نموني ۾ وائرس جي تصديق ٿي هئي. 8 نومبر تي پوليو وائرس جي تصديق لاءِ سيمپل ورتو ويو هو ڊي ايڇ او جو چوڻ آهي ته جولاءِ 2021 ۾ سيوريج جي پاڻي ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي هئي.

بقايا سنڌيار 01

ايس ايس پي نوشهرو فيروز جي ناڪامي آهي.

بقايا سنڌيار 02

آ، جي ويسٽ زون ڪراچيءَ جي رضامنديءَ هيٺ. سرجاني پوليس جي ايس آءِ او طارق خالد ايس ايچ او سرجاني ٽائون ايس ايچ او گلشن معمار ۽ ايس ايچ او منگهو پير گڏيل ڪاروائي ڪري گهران گرفتار ڪيو هو. جنهن خلاف اين ڊي بي مرڪزي صدر ممتاز بروهي سنڌ هائي ڪورٽ ۾ پنهنجي پٽ آفتاب بروهي جي بيگناهہ گرفتاري ۽ ڪنيي گم ڪرڻ خلاف پٽيشن داخل ڪئي. سنڌ هائي ڪورٽ جي سخت پڇاڻي ۽ آفتاب بروهي کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جي حڪمن کي پوليس ٽاريندي رهي قومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ منهنجي ننڍي پٽ آفتاب بروهي کي سرجاني پوليس اڳاٽي مهينن کان ظاهر تہ پٺي ڪري ممتاز بروهي وڌيڪ چيو تہ پوليس سسٽم ايترو تہ زوراڻو ۽ طاقتور آهي جو ڪورٽن جي حڪمن کي بہ نہ ٿو مڃي قومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي چيو تہ مختلف ذريعن کان منهنجي پٽ آفتاب بروهي جي بازيابي لاءِ مونکان پنجاهہ لک بہ گهريا ويا آهن، ٻئي صورت ۾ ڪيس ماري ڇڏڻ جون ڌمڪيون مليون آهن ايس آءِ او طارق خالد ڪليو ڪلاير چوي ٿو تہ ڪيس ايڊيشنل آ، جي ڪراچي ۽ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وڏن عملدارن جو ساٿ حاصل آهي. تنهن ڪري ڪوبہ سندس وار بہ ونگو ڪري نٿو سگهي

بقايا سنڌيار 03

اسڪول ۾ ڪلچر ڊي جي ڏينهن تي اعلان جنهن جو مهمان خاص ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي هو ۽ صدارت ضلعي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٺٽو نظام الدين ڪڏائي ڪئي. ان موقعي مهمان خاص آفتاب نظاماڻي چيو تہ گورنمنٽ ڪلسٽر پبلڪ پرائمري اسڪول مڪلي جي ٻارن ۾ بهترين صلاحيتون موجود آهن ۽ هو جلد ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو سان گڏجي هن اسڪول ۾ اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪندا انهي موقعي تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس ميڊم زينب شاهين. ڊپٽي هيڊ شميرا جاويد سميت اسڪول جون ٽيچرز ۽ اسٽاف پڻ موجود هو جڏهن تہ اسڪولي ٻارن پاران ثقافتي ٽيبلوز. سنڌي رقص پڻ پيش ڪيو

بقايا سنڌيار 04

پرمٽ نہ آهي. سيوهڻ انتظاميا هن وقت تائين ڪنهن غيرقانوني هلندڙ ايل پي جي گيس جي دڪاندارن خلاف ڪوبہ ايڪشن نہ ڪيو ويو آهي 4 ڏينهن اڳ تازو ٿي واقعو ٿيو تہ دادو ۾ ايل پي جي گيس جا اوچتو سيلينڊر ڦاٽا جنهن سان دڪاندارن سميت ڪافي شهر واسين کي نقصان پڻ رسيو اهڙي نقصان لاءِ کان بچڻ لاءِ ٻهرين اپاءُ وٺڻ گهرجي. سيوهڻ تعلقي جي انتظاميا جي ذميواري آهي تہ غيرقانوني طور هلندڙ ايل پي جي گيس جي دڪاندارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ضلعي انتظاميا ۽ موٽروي پوليس کي سيوهڻ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ غير معياري ايل پي جي گئس سلينڊرن جي غير قانوني دڪانن خلاف تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. ڊپٽي ڪمشنر جامشورو اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ موٽروي پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيون ٿا تہ ايل پي جي گئس جي دڪانن تي پابندي لڳائي وڃي ۽ مسافر وين ڊوم گاڏين مان ايل پي جي گئس جا سلينڊر ڪڍيا وڃن تہ جيئن جاني نقصان کان بچي سگهجي. سڄاڻ ڏيرون

بقايا سنڌيار 05

ملازمن. ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف نرسز جون سنڌ سرڪار پاران بارش جي مد ۾ ڪٽيل پگهارون ڏيڻ جي اپيل ڪئي جنهن تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر فوري طور واپس ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندي ڊسمبر جي پگهار ۾ ڏيڻ جو اعلان ڪيو وفد ۾ صوبائي صدر کان علاوه فنانس سيڪريٽري محمد يونس وسڻ. ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اعجاز ممناڻي. ضلعي اڳواڻ اشرف قريشي. جام بشارت علي سهتو ۽ راهب علي ٽگر شامل هئا جڏهن تہ صوبائي وفد ريٽائرڊ ملازمن جي مشڪلاتن بابت ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر کي آگاهہ ڪيو جنهن تي ان چيو تہ اسٽاف جي کوٽ سبب ڪجهہ دشواريون سامهون اچي رهيون آهن منهنجي ڪوشش آهي تہ ملازمن کي پريشانين کان بچائجي ۽ کين هر جائز سهولت ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيان.

بقايا سنڌيار 06

جي پرنسپل پير نيازجان سرهندي، تي نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمنٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڊوڪيٽ واجد حسين نوتڪاڻي، ڊپٽي ڊائريڪٽر امتياز علي رند، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حبيب الله جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ رضاڪار معاشري جو اهم حصو هوندو آهي جيڪو بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي سماج جي سڌاري لاءِ مسلسل جاکوڙ ڪندو رهندو آهي رضاڪار ڪنهن بہ سماج جو قيمتي اثاثو هوندا آهن جيڪي بنا ڪنهن لالچ ۽ لالچ جي سماج جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن. اسان وٽ ڪيترين ئي رضاڪار تنظيمون منظم طريقي سان ڪم ڪري رهيون آهن جيڪي رات هجي يا ڏينهن. آفتون هجن يا سانحو حب الوطني ۽ انسانيت جي بچاءُ وارن ڪمن ۾ اڳڀرو رهنديون آهن جنهن ۾ سفت ، آساني ويلفيئر. راهہ منزل ۽ ٻيون سماج سڌارڪ رضاڪارن جي تنظيمون شامل آهن رضاڪار ماڻهن جو بنيادي مقصد ئي آهي تہ پنهنجون خدمتون ڪارآمد شهرين جي حيثيت ۾ پيش ڪن ۽ ماڻهن جي بي لوث مدد ڪن. اهڙي ريت رضاڪار هميشہ انسانيت جي بنا مٿبيد خدمت ڪندا رهڻ ٿا جنهن جي جيترو ساراهہ ڪجي گهٽ آهي ان موقعي تي تعليمي رضاڪار جو اعزازي سرٽيفڪيٽ عارف قريشي کي ڏنو ويو

بقايا سنڌيار 07

۾ ووٽڪاري مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اسان سڀني کي گهرجي تہ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ ماحولياتي گدلاڻ ۽ گرمي کان بچڻ لاءِ وڻ انتهائي ضروري آهن تہ چونڊ وڌ ۾ وڌ وڻن جي ڇانو جي حاصلات لاءِ ۽ وڻن جا فائدا وٺڻ لاءِ وڻ پوکيا وڃن تہ جيئن انهن مان سارڪ سان سونهن ۽ ڇانو جو سنڌ جي سرزمين تي اضافو ٿئي.

بقايا سنڌيار 08

سينٽر خيرپور ٻاران سجاڳي ريلي ڪڍي وئي جتي اسپيشل ٻارن رنگب رنگي چارٽ ثاهي ثقافتي لباس اوڙهي شريڪ ٿيا. ان موقعي تي پرنسپال حفظ الله شيخ. محمد شاهد. پير جهانيان بخش ڳالهيندي چيو تہ معذور ٻارن جو عالمي ڏينهن اڄ پوري دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي ان ڏينهن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ اسين پنهنجي معذور ٻارن کي درپيش ايندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪري سگهون ۽ ان جي حل لاءِ جوڳا اپاءُ وٺي سگهون معذور ٻارن ۾ تمام وڏو ٽيلينٽ موجود هوندو آهي اسپيشل ٻار خاص توجہ جو مرڪز هوندا آهن پاڪستان سميت دنيا ۾ اسپيشل ٻارن منفرد ڪم ڪري پاڻ مڃايو آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ اسين اڄ جي ڏينهن تي اهو وچن ڪيون ٿا اسپيشل ٻارن جي حقن جو تحفظ ڪنداسين انهن کي هر ممڪن سهولت مهيا ڪنداسين ۽ اسپيشل ٻارن کي وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرائينداسين ان موقعي اسپيشل ٻارن کي خيرپور جو تاريخ ماڳ فيض محل جو سير بہ ڪرايو ويو جتي اسپيشل ٻارن خوب انجواءِ ڪيو انڪانپوءِ اسپيشل ٻارن NDSP پاران ڪرائيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي جتي اسپيشل ٻارن زبردست پاران پرفارم ڪيو ۽ موجود ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو ان موقعي تي حاڪم علي سومرو .آصف رضا سومرو ۽ سجاد سيال. عبدالشڪور. خان محمد لغاري. سائقہ سومرو. غلام اڪبر قليوٽو ۽ سميت مختلف ٻارن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا سنڌيار 09

وڪرو لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اگهہ جي حد مقرر ڪئي وئي آهي جنهن تحت ٽيڪس اوگاڙي ڪئي ٿي وڃي ان کي وقت سان گڏ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو تہ مارڪيٽ ريٽ جي مطابق ۽ ڪميٽي جي مشوري سان نوان اگهہ مقرر ڪرڻ لاءِ هائر اٿارٽيز کي خط لکيو ويندو تہ جيئن زمين ۽ پلاٽن جي خريداري ۽ وڪرو ۾ ملندڙ ٽيڪس وڌائي سگهجي .گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر محمد حنيف. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري. اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ۽ ٽنڊو باگو ثناالله صدر. واپاري اڳواڻ علي اڪبر ميمڻ ۽ قاضي

بقايا سنڌيار 10

احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب دادو آڏو ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن غلام نبي جمالي. زين گهلو صمد عباسي. وحيد سولنگي. بشير سولنگي. شمس الدين پتو. ڊاڪٽر الاهي بخش پنهور. افضل جمالي. پانڌي چانڊيو. نثار احمد ٻاٽ. پيرل جمالي. ظهير جتوئي. ممتاز خاصخيلي. ثاقب پنڌ. فيصل لنڊ. صالح خشڪ. اڪبر ڪلهوڙو. ڪامريڊ وزير ميمڻ. مزار جمالي. ذيشان ڪوڪر. فاروق ڪوڪر. شيراز لنڊ سميت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران سالار انقلاب شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندس ساٿين جي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪندي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان ازخود نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ فاطمہ ڀٽو ۽ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي وچ ۾ هوندا ۽ قاتلن کان خون جي ڦڙي ڦڙي جو حساب ورتو ويندو

بقايا سنڌيار 11

ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نوجوان صحافي ممتاز شيخ جي والد جي لاڏاڻي تي ڪراچي جي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين پاران گهري غم ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ويو آهي.ان سلسلي ۾ سينيئر صحافي بالاچ شاهاڻي. دلدار سيلرو. سعيد احمد ڀٽو. باغي ساگر علي محمد ڀٽو غوث ٻگهيو. نذير راڄپر اسلم شاهاڻي. صف علي شاهاڻي. الهداد شاهاڻي. جلال الدين شاهاڻي. اعجاز چانڊيو. شفقت نوناري. پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي نائب صدر غلام سرور ٿيٻو ايس اين پي جي وقتي چيئرمين رمضان بليدي ۽ ٻين ممتاز شيخ سان سندس والد جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا ڪئي ٻئي پاسي ڪراچي اوير پريس ڪلب پاران ممتاز شيخ جي والد جي لاڏاڻي تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 12

اڄ 315 ڏينهن مڪمل. فورم پاران وچن ڪيو ويو تہ سياڻي (اڄ) ثقافتي ريلين ۾ پڻ ريل گاڏين جي بحالي لاءِ دادر جو عوام آواز اٿاريندو هنن چيو تہ اسان جي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪاميابي ملي آهي ۽ وڌيڪ ريلويز اختيارين پاران لاڙڪاڻہ. دادو. ڪوٽڙي. ڪراچي ريلوي ٽريڪ تي 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل مسافر ريل گاڏي هلائي ويندي ريلوي اختيارين جي ذريعن مان معلوم ٿيو آهي سيتا سرجڻهار فورم پاران ايم ايل 2 تي ٽرينن جي بحالي لاءِ 10 مهينن کان هلندڙ ڏکهي جدوجهد جي نتيجي ۾ 20 جولاءِ تي موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي ڪانپوءِ نگران ريلوي وزير 25 ڊسمبر 2023 تي بولان ميل بہ بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جدوجهد جي باني مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ اڄ 315 ڏينهن بہ سيتارود ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پروفيسر غلام مصطفي سمون. غلام حسين ملڪ. غلام سرور لاکو. احسان علي سومرو. شهزاد علي ميمڻ. سرتاج سومرو. ذوالفقار علي جانوري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان موقعي تي جدوجهد جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو تہ ايم ايل 2 تي 20 جولاءِ 2023 تي موئن جو دڙو ايڪسپريس روهڙي کان ڪوٽڙي تائين بحال ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي 25 ڊسمبر تي هڪ وڌيڪ ٽرين بولان ميل بہ بحال ٿيندي مشهور ميمڻ وڌيڪ چيو تہ بولان ميل هلڻ بعد بہ باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 13

علماء امن ڪميٽي سنڌ جي اڳواڻن پاران يڪجهتي جو اظهار. مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ۾ سخت نعري بازي ڪئي وئي پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان جدوجهد کي تيز ڪندي مغوين جي بازيابي لاءِ 9ڊسمبر تي حيدرآباد ۽ 11ڊسمبر تي ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران صبح 10وڳي کان 24ڪلاڪن لاءِ احتجاجي ڪئمپ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ڪالهہ احتجاجي ڪئمپ تي جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ حزب جکرو.زبيرحفيظ شيخ . عبدالبار انصاري عبدالستار اخوان. سرفراز احمد. چيئرمين علماء امن ڪميٽي سنڌ مفتي جميل احمد ڪورائي، مولانا محمد يعقوب حيدري. راڻيپور واسي عاشق سوڏڙو. ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪندي حڪومتي رويئي تي افسوس جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ راڻيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل علي اصغر منگريو، محرابپور مان اغوا ڪيل شاگرد علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات جاري احتجاج کي 63 ڏينهن مڪمل ٿي ويا آهن پر مغوين جي بازيابي لاءِ سنڌ حڪومت ڪو نوٽيس نہ ورتو آهي ۽ نہ ئي عدليہ ۽ نہ ئي ڪو انساني حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ اڳواڻ پهتو آهي. احتجاج ۾ شامل ڊاڪٽر نذير ڪوڪر. عطا محمد ڀٽو. زاهد منگريو. جاويد سولنگي. محمد اعظم منگريو ۽ ٻن ميڊيا کي ٻڌايو تہ سکر ۾ 63ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود سنڌ حڪومت ۽ مختلف ضلعن جي پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي بہ اپاءُ نہ وٺڻ افسوسناڪ عمل آهي اهڙي روش مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڪين مظلوم عدم تحفظ جي شڪار عوام جي ڪين ڪابہ فڪر ناهي. سنڌ کي هٿ سان بدامني جي باهہ ۾ اڇلايو ويو آهي سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي سخت مونجهارن ۽ پريشانين جا شڪار آهن پر نگران وفاقي توڙي صوبائي حڪومت احتجاجن باوجود ڪوبہ ايڪشن نہ ٿي وٺي جيڪو سنڌ جي عوام سان وڏو ظلم ۽ زيادتي آهي ڊاڪٽر نذير چيو تہ اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 91ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويو آهي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ سکر جي علائقي سنگرار ۾ باٿر سردار جي قيد مان معصوم نياڻي پريا ڪماري، شڪارپور جي باٿر منگريو ذات جي فردن خاص طور، پوليس پي ڊي ايس پي ڪشمور خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت سنڌ جي اغوا ٿيل سمورن مغوين کي بازياب ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 14

بابت هڪ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر. زراعت کاتي جي آفيسرن. پاڻ ڪارخانن جي نمائندن سميت آبادگارن ۽ ڊيلرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائيندي چيو تہ ضلعي گهوٽڪي جا ڊيلر پاڻ ٻين ضلعن ڏانهن منتقل ڪندا رهيا آهن جنهن سبب هتي قيمتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ڪنهن بہ ريت قبول نہ ڪئي ويندي. هن چيو تہ ضلعي جي ڪوٽا ٻاهر منتقل ڪرڻ ڪنهن ڏوهہ کان گهٽ ناهي. اهڙي ڪڌي ڪاروبار ۾ ملوث ڊيلرن جا لائسنس رد ڪرايا ويندا. هن ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت کي سختي سان هدايت ڪندي چيو تہ اوٻاروڙو تول پلاڙا وٽ چيڪ پوسٽ قائم ڪئي وڃي. انوائيس ۽ بلٽي جو جائزو وٺڻ بغير ڪنهن بہ گاڏي کي نہ ڇڏيو وڃي جڏهن تہ ضلعي جي سمورن ڊيلرن کي پابند بڻايو وڃي تہ هو آرين ڪائونٽر تحت پاڻ وڪرو ڪن ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ قسر جو عذر قبول نہ ڪيو ويندو هن پاڻ ڪارخانن جي نمائندن کي چيو تہ ڊسمبر ۽ جنوري دوران ضلعي گهوٽڪي کي پاڻ جي اضافي ڪوٽا فراهم ڪئي وڃي تہ جيئن هتان جي آبادگارن جون مشڪلاتون گهٽجي سگهن.

بقايا سنڌيار 15

ٿي ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي پنهنجي اسڪواڊ سان ڪئمپ تي پهچي ڊاڪٽرن سان ملاقات ڪئي ۽ کين انتظامي معاملن تي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو ۽ سندن ڪم کي ساراهيو

بقايا سنڌيار 16

واپارين ۽ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي جتي آبادگار اڳواڻ اسد الله مري. چودري احسان علي جت. غلام شبيرجت ۽ رازي مري ميڊيا کي ٻڌايو تہ هتان جا واپاري اسان آبدگارن کي 3600 سرڪاري ريٽ واري پاڻ جي بوري 5000هزار روپين ۾ وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن سبب اسان آبادگارن جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي ۽ جاڳي واڻي پاڻ جي هٿرادو کوٽ ڪئي پئي وڃي اسان سان انصاف ڪري سرڪاري اگهہ تي پاڻ جي فراهمي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 17

ريجنل مئنيجر اورنگزيب پنهور شرڪت ڪندڙن کي آئيوڊين جي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ پيچيدگين بابت آگاهي ڏيندي چيو تہ آئيوڊين جي مقرر مقدار ۾ اضافو ڪيو وڃي تہ جيئن شهرين کي آئيوڊين جي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين کان بچائي سگهجي. هن چيو تہ جنهن بہ مل مالڪ کي لوڻ ۾ آئيوڊين نہ ملائي ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ هو اسڪولن ۾ آئيوڊين جي آگاهي بابت سيمينار منعقد ڪن. هن هدايت ڪئي تہ جيڪو بہ سالٽ سپلائي ڪندڙ آئيوڊين نہ ملائيندو تہ ان جي فيڪٽري کي سيل ڪيو ويندو. ان موقعي تي ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو. ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ۽ ٻيا آفيسر ۽ شهري موجود هئا.

بقايا سنڌيار 18

ٻئي نيشنل پريس ڪلب بدين پهچي صحافين اڳيان داتهينديءَ چيو تہ ڏاسان جا مائٽ اسان کي ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو تہ اسان عاقل بالغ آهيون هڪ ٻي جي رضا سان ڪورٽ سگهوري ۾ نڪاح ڪيو آهي ڪو گناهہ نہ ڪيو آهي هنن ايس ايس پي بدين ۽ سيشن جج بدين کي اپيل ڪئي آهي تہ کين تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 19

هن کان موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪئي ۽ هن کي پاٽل اجرڪ بہ ڦورو ڪئي ويا. خبر موجب ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان قلجي اسٽيشن ۾ رٿيل ثقافتي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ بعد برڪت علي جهتيال دادو شهر ڏانهن اچي رهيو هو تہ قلجي اسٽيشن – دادو لنڪ روڊ تي سندس تاڙ ۾ ويٺل اڻڄاتل 3 هٿياربند جن جي هٿن ۾ هڪ ڪلاشنڪوف ۽ 2 عدد ٽي ٽي پسٽل هئا انهن ٻٽ بردار هٿياربندن سندس موٽرسائيڪل کي هٿيارن جي زور تي روڪي هن کي يرغمال بڻايو ۽ ڦورو برڪت علي کان موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪئي ۽ هن کي سردي کان پاٽل اجرڪ بہ ڦرڪيو قلجي اسٽيشن پوليس کي ڦر واقعي جو اطلاع ڏنو ويو ايس ايچ او واقعي واري هنڌ پهچي ڦورن جو پيڇو ڪيو پر ڦورو پوليس کان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. دادو جي صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن آ، جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار کان مطالبو ڪيو آهي تہ صحافي غوث جهتيال جي ننڍي ڀاءُ برڪت علي جهتيال جي ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ 3 ڏينهن بعد دادو پريس ڪلب اڳيان صحافي ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو ويندو. واضع رهي تہ تازو جوهي ۾ سينيئر صحافي شهمير گاڏهي جي ننڍي ڀاءُ اميربخش گاڏهي جي شهادت جو واقعو پڻ ڦورن ڪيو هو

بقايا سنڌيار 20

جي رهواسي محمد حسن مهراڻپوٽو نئونڪوٽ پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي تہ نئونڪوٽ پرسان مون فضل پنهيرو پرسان ٿهو فضل پنهيرو ۾ زرعي زمين نصير احمد عرف بابو ولد نبي احمد کان روڪ رقم ڏئي خريد ڪري زمين جو مڪمل ڪاتو رجسٽري سميت ڪرائي ڇڏي آهي هن چيو تہ مون پروسي جي بنياد تي هن کي بہ بئينڪ چيڪ ڏنا هئا مڪمل رقم ڏيڻ باوجود مون هن کان ڏنل چيڪ واپس گهريا تہ هن چيو ها ڏيندس هر روز دلاسا ڏيندو رهيو مگر چيڪ واپس نہ ڪيا ها تصير احمد مون کان بيهر چيڪ بهاني وياج جي مد ۾ رقم گهري رهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ 5 لک وياج جا مون کي ڏئي تہ توکي چيڪ واپس ڪيان وياج نہ ڏيڻ جي صورت ۾ هو مون کي ڌوهاري ماڻهن هتان ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ وياج جي رقم 5 لک نہ ڏنئي تہ توکي مارائي زمين تي قبضو ڪيو ويندو هن چيو تہ جاٽايل شخص اڳ ۾ بہ مون کان 4لک وياج ورتو هاڻ چوي ٿو تہ 5 لک ڏي هن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ميرپورخاص کي اپيل آهي تہ جاٽايل ماڻهو

بقايا سنڌيار 21

تقريب ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز علي حسن گهوٽو. ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاليج سکر امتياز علي دايو. ڊي اي او گهوٽڪي مظفر علي شاهہ. پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ. حاجي زبردست خان مهر سميت استادن .شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳوٽي پ پ اير اين اي سردار محمد بخش خان مهر چيو تہ تعليم جي بهتري لاءِ جدوجهد جاري رهندي. تعلقي جي عوام لاءِ اڃا وڌيڪ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. هن چيو تہ خانگڙهہ تعلقي جي هر يوسي ۾ تعليم کي عام ڪيو ويندو ڇو جو تعليم ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهي. سردار محمد بخش خان مهر جو وڌيڪ چوڻ هو تہ ٻهرين هائير سيڪنڊري ۽ هائي ڊگري ڪاليج ۽ انشاالله خانگڙهہ تعلقي اندر يونيورسٽي جو قيام بہ عمل ۾ آندو ويندو

بقايا سنڌيار 22

۾ ڪلاڪ ڌرڻو هنيو انڊس هيلٿ نيٽ ورڪ ڪراچي جي زير انتظام هلندڙ بدين جي سرڪاري اسپتال ڊاڪٽر سڪندر منڊرو سول اسپتال بدين کي سنڌ حڪومت طرفان معاهدي تحت وقت سر منظور بجيٽ جاري نہ ڪرڻ سبب مالي بحران جو شڪار انڊس اسپتال جي 12 سئو ملازمن جنهن ۾ آفيسر ۽ ۽ ننڍا ملازم شامل آهن کي ٻہ ٽن مهينن کان پگهارون نہ ملي سگهيون آهن ملازمن طرفان اڱاري واري ڏينهن اوپڊ او پي ڊي ۾ ڊيوٽي جو بائيڪاٽ ڪندي گولاڙچي روڊ واري ڪيمپس (اسپتال) کان هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر اخلاق احمد رضوان نظاماڻي واثق ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻہ ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري گولاڙچي روڊ تي انڊس موڙ وٽ ڌرڻو هنئي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران ملازمن نيشنل پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ 18 مهينن کان سنڌ حڪومت انڊس اسپتال ڪراچي سان معاهدي تحت فنڊ رليز نہ ڪري رهي آهي جنهن کي ڪراچي اسپتال جي فنڊن مان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر فنڊن جي مسلسل کوٽ سبب اسپتال ۾ مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن ڪافي سهولتون بند ڪرڻيون پيون آهن هنن چيو انڊس اسپتال بدين کي وقت سر فنڊ نہ ملڻ ۽ اسپتال ۾ هلندڙ مالي بحران جون اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ خبرون هلڻ بعد 21 هين نومبر تي وڏي وزير مقبول باقر رضوي اعلان ڪيو هو تہ انڊس اسپتال کي 50 ڪروڙ رليز ڪيا ويا آهن جنهن جو نوٽيفڪيشن بہ جاري ڪيو ويو آهي پر ٻہ هفتا ٿي ويا آهن وڏي وزير جي اعلان تي بہ عمل نہ ٿيو آهي ڊاڪٽر اخلاق چيو تہ سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کاتن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب سنڌ اسيمبلي ۽ ڪابينا طرفان منظور فنڊ بہ وقت سر نہ ملڻ سبب ضلعي جون ٻہ ڪنٽينر اسپتال بند ٿي 100 ملازم گهر ويڙا ٿي چڪا آهن جڏهن تہ بدين ڪيمپس ۾ ڊيوٽي ڪندڙ 12 سئو ملازمن کي ٻن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب مالي پريشانين جو شڪار آهن مهانگائي جي هن دور سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن پر سنڌ حڪومت جي ڪامورن کي ڪير چوڻ وارو نہ آهي هنن مطالبو ڪيو تہ انڊس اسپتال کي سنڌ حڪومت طرفان اعلان ڪيل بجيٽ رليز ڪئي وڃي تہ جيئن مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ملازمن کي بہ وقت سر پگهارون ملنديون رهن هنن اهو چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت انڊس اسپتال بدين کي بجيٽ جاري نہ ڪئي تہ اسپتال جا ملازم ڪئمپس کان شهر طرف مارچ ڪري نيشنل پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هڻندا جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 23

شامل آهن کي ٻہ ٽن مهينن کان پگهارون نہ ملي سگهيون آهن ان ڏس ۾ ملازمن طرفان اڱاري واري ڏينهن او پي ڊي ۾ ڊيوٽي جو بائيڪاٽ ڪندي گولاڙچي روڊ واري مڪ دي ايچ ڪيو ڪيمپس کان هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر اخلاق احمد رضوان نظاماڻي واثق ميمڻ ڊاڪٽر نعيم جلباڻي ڊاڪٽر شاهنواز مزاري ڊاڪٽر ملڪ تابش تنذيل الرحمان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽي ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري گولاڙچي روڊ تي انڊس موڙ وٽ ڌرڻو هڻي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران صحافين سان ڳالهائيندي ملازمن چيو تہ 18 مهينن کان سنڌ حڪومت انڊس اسپتال ڪراچي سان معاهدي تحت فنڊ رليز نہ ڪري رهي آهي جنهن کي ڪراچي اسپتال جي فنڊن مان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر فنڊن جي مسلسل کوٽ سبب اسپتال ۾ مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن ڪافي سهولتون بند ڪرڻيون پيون آهن هنن چيو انڊس اسپتال بدين کي وقت سر فنڊ نہ ملڻ ۽ اسپتال ۾ هلندڙ مالي بحران جون اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ خبرون هلڻ بعد 21 هين نومبر تي وڏي وزير ريٽائرڊ جسٽس مقبول باقر اعلان ڪيو تہ انڊس اسپتال جي رهيل بجيٽ هڪ ارب ڏهہ ڪروڙ روپيا ٻن قسطن ۾ جاري ڪيا وڃن پر 2 مهينا گذرڻ باوجود سنڌ جي فنانس ۽ صحت کاتي ان تي ڪوبہ عمل نہ ڪيو آهي هنن چيو تہ سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کاتن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب سنڌ اسيمبلي ۽ ڪابينا طرفان منظور فنڊ بہ وقت سر نہ ملڻ سبب ضلعي جون ٻہ ڪنٽينر اسپتال بند ٿي 100 ملازم گهر ويڙا ٿي چڪا آهن جڏهن تہ بدين ڪيمپس ۾ ڊيوٽي ڪندڙ 12 سئو ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب مالي پريشانين جو شڪار آهن مهانگائي جي هن دور سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن پر سنڌ حڪومت جي ڪامورن کي ڪير چوڻ وارو نہ آهي هنن مطالبو ڪيو تہ انڊس اسپتال کي سنڌ حڪومت طرفان اعلان ڪيل بجيٽ رليز ڪئي وڃي تہ جيئن مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ملازمن کي بہ وقت سر پگهارون ملنديون رهن هنن ملازمن اهو چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت انڊس اسپتال بدين کي بجيٽ جاري نہ ڪئي تہ اسپتال جا ملازم ڪئمپس کان شهر طرف مارچ ڪري صحافتي ادارن اڳيان ڌرڻو هڻندا جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 24

رفيق احمد جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح رهي آهي، هن چيو تہ شهيد راڻي بينظير ڀٽو عوام جي خدمت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ان منشور تي هلندي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. سماجي تنظيم جي تعاون سان پوڙ دوران ڪاڇي اندر ڪيترائي آر او پلانٽس. واٽرسپلائي اسڪيمون. سولر سسٽم تي پمپ پڻ لڳرايا ويا آهن. ان موقعي تي سماجي تنظيم جي اڳواڻ اسلم شيخ. پ پ پ اڳواڻ خالد ميراڻي. خليل جمالي. محمد رفيق جمالي بزنس مين. شمس الدين ٻبر. اسڪول جي هيڊ ماسٽر اعجاز لاشاري. ناميارو استاد ميان محمد پيرزادو ۽ ٻيا اسڪول جا استاد ۽ شاگرد موجود هئا.

بقايا سنڌيار 25

سومرو پاران ٿيل ميبينا تشدد واري ماسري جو تعليم کاتي جي اعلي اختيارين نوٽيس ورتو آهي. ان سلسلي ۾ ڊي اي او سيڪنڊري سجاول پيار علي خواجہ پاران جوڙيل 3 رڪني جاچ ڪميٽي دڙو پهچي ٻنهي ڌرين جا بيان قلمبند ڪيا. جاچ ڪميٽي ۾ شامل شفيع محمد ٻارڻ. جبار شيخ ۽ اسلم خواجہ بوائز هايرسيڪنڊري اسڪول پهچي الزام هيٺ آيل استاد ۽ ٻين استادن جا بيان ورتا. جڏهن تہ ڪميٽي متاثر شاگرد مهدي سومرو جي گهر وڃي شاگرد ۽ سندس والد محمد علي سومرو جا پڻ بيان قلمبند ڪيا. جتي ميبينا تشدد جو نشانو بڻيل شاگرد ۽ سندس والد محمد علي سومرو ميبينا تشدد ڪندڙ استاد عبدالرسول سومرو خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو جڏهن تہ گستا يونٽ دڙو جو هنگامي اجلاس ضلعي جنرل سيڪريٽري عبدالرحيم قاضي. يونٽ صدر حاجي احمد عباسي .جنرل سيڪريٽري منظور ڪانڊرو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. گستا پاران استاد عبدالرسول سومرو مٿان شاگرد مهدي سومرو تي ميبينا تشدد وارا الڳل الزام رد ڪيا ويا. گستا اڳواڻن سوشل ميڊيا تي استاد جي ڪردار ڪشي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو تہ اهم تعليمي اداري جي ساک خراب ڪئي پئي وڃي. ڪردار ڪشي جو سلسلو بند نہ ٿيو تہ گستا طرفان سموري ضلعي ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 26

مري. عبدالرحيم عباسي. امر امتياز ۽ عمرالدين پنهور کي بہ هار پارائيا ان موقعي تي عبدالرحيم عباسي ۽ اياز مري چيو تہ سوپ اسان جي ٿيندي صدر جو اميدوار بہ اسان جو ڪامياب ٿيندو اسان کي شوڪت حسين ٻوهيو جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ تي خوشي ٿي آهي ان موقعي تي شرڪت حسين ٻوهيو چيو تہ دوستن جي مهرباني جن اسان کي بنامقابلي جنرل سيڪريٽري ڪرايو اسان دوستن جي اعتماد تي پورا لهنداسين سڀني کي گڏ ڪري هلنداسين

بقايا سنڌيار 27

لڳا. ڪاتي جا 200 ملازم ويزا تي چڊيل ڊسپنسريون قائم ڪيل ويران بڻيل آفيسر مال ڪمائڻ ۾ مصروف ڪيترائي ملازم ويزا تي چڊيل جن ۾ ڊرائيور. ڊسپنسرين تي ڪم ڪندڙ اسٽاف ان کان علاوه اير ايس يو سينٽر جا ملازم ۽ ميلائيزرن کان علاوه وجي ڪمار ديوان اسٽيڪل اسسٽنٽ ايس اي ڪافي عرصي کان آفيس کان غائب آهي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر جي آشيرواد سان ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻن لڳا. جڏهن تہ ڏيڍ سال کان ريفر فسليٽيڊ آپريشن ڪرائيندڙ مرد توڙي عورتن جا ملندڙ سرڪار کان پيسا بند ڪري ڊسٽرڪٽ آفيسر پاپوليشن ۽ عملو ملي پڪِٽ ڪري کائڻ لڳا جڏهن تہ ڊوم موبائيل سروس ٻهراڙين ۾ وڃي آپريشن ڪندڙ گاڏي سالن کان مڪمل بند ۽ ناڪارا بڻيل ڊوم گاڏي جي ريپئر بهاني ست لک روپيا خرچ ڏيکاري ڪوڙا ووچر صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ ويندر معرفت بل پاس ڪرائي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر ۽ ٻيو عملو ملي پڪِٽ ڪري ڪائي وڃن ٿا ڊوم گاڏي هن وقت بہ ناڪارا بڻيل آهي گاڏي مان سامان ڪڍي ڊرائيورن وڪرو ڪري ڇڏيو آهي ان کان علاوه بہ گاڏيون بولان جنهن ۾ هڪ بولان گاڏي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ڪراچي ۾ ڪرائي تي هلائي پيسا ڪمائڻ لڳو جڏهن تہ ٻئي بولان گاڏي آفيس جي من پسند ملازم حوالي ڪري مزا ماڻڻ لڳا انهن گاڏين جو تيل ۽ مينٽيننس ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ۽ اڪائونٽنٽ عبدالجبار شيخ گڏا حسين سيال ويگنار گاڏي ۽ ڪوري گاڏين ۾ پرسنل پرائيويٽ طور سرڪاري تي يوز ڪرڻ لڳا. جڏهن تہ جلباڻي سينٽر جي انچارج سندس جڳهہ ۾ قائم ڪيل سينٽرمڪمل بند سينٽر انچارج بلوچستان ۾ شادي ٿيڻ بعد بلوچستان ۾ رهي پگهار ۽ مسواڙ کڻي رهي آهي مگر سينٽر بند پيل آهي ان کان علاوه ڪيترين ئي ڊسپنسرين بند پيل آهن اهي ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي هر مهيني منتقلي آفيس ۾ پهچائن ٿا ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ۽ ٻيو عملو پاڻ ۾ ملي پڪِٽ ڪري سرڪار جي ملندڙ بجيٽ کي چونو لڳائي ويٺا آهن. نوشهروفيروز جي سياسي سماجي علائقي واسين نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي وزيراعليٰ سنڌ گورنمينٽ آف صوبا سنڌڪراچي. سيڪريٽري پاپوليشن گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ريحان اقبال بلوچ. چيئرمين انٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ڪراچي. چيف سيڪريٽري گورنمينٽ آف صوباسنڌ ڪراچي ۽ ٻين ادارن کي گهرجي تہ پاپوليشن کاتي جي ملوث راشي عملي خلاف انڪوائري ڪري قانوني قدم کنيو وڃي

بقايا سنڌيار 28

پريس ڪلب سامارو جي صحافين ۽ علائقي جي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اسڪولي شاگردن قومي گيتن تي ٽيبلو ۽ رقص ڪيا ۽ جهمريون پاتيون ۽ اسڪول جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ايڪتا ڏهاڙي کي ڀرپور طريقي سان ملهايو پروگرام ڪانپوءِ نيشنل پريس ڪلب سامارو جي ٽيم علي محمد شيدي نادر علي عدنان افضل گلجي سورماڻي راڻو مل بوجيا پرديپ چوهان دلبر علي خاصخيلي بلاول سينهڙو رضوان علي ۽ سوشل ورڪرن جي ڪاوشن سان هڪ بهترين رنگارنگي پروگرام ۽ ڪوريج ڪئي ويئي ڪڍي وئي .ان موقعي تي اسڪول جي استادن ميڊيان سان ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جو ڏينهن اسان سڀني لاءِ عيد جو ڏينهن آهي. اهو ڏينهن اسان کي اهيو احساس ڏياري ٿو تہ اسان پنهنجي سنڌ سان محبت ڪيون ائينهن سب گڏجي محبت سان رهون ۽ اسان سنڌ جايا آهيون اسين پنهنجي ڪلچر ثقافت ۽ تهذيب کي وساري نٿا سگهون.

بقايا سنڌيار 29

مقامي پاڳين اعجاز علي خاصخيلي. اظهر علي چانڊيو. گل بهار مشوري ۽ ٻين چيو تہ سياري جون ٿڌرن پوڻ ڪري ٻڪرين. رڍن - مينهن ۽ ڍڳين ۾ مختلف بيماريون پکڙجي ويون آهن . ڊور مري رهيا آهن. بچاءُ جا ٽڪا تہ هنيا ويا آهن . جانورن جي اسپتال ويران پيل آهي وٽرنري ڊاڪٽرن دوڪانن ۾ خانگي اسپتالون کولي ڇڏيون. وٽرنري ڊاڪٽر پنهي هٿن سان لٽڻ لڳا آهن. سرڪاري سطح تي بچاءُ جا ٽڪا لڳرايا وڃن جيئن بيمارين کان ڊور بچي سگهن

بقايا سنڌيار 30

فيضگنج پوليس ڪوريج ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سينيئر صحافي منصوراحمد ڪنڌ جو بہ ڪوڙي ايف آئي آر ۾ نالو ڏئي ڇڏيو ان عمل خلاف صحافين سول سوسائٽي جو پنگوبهڻ جي مک چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ صحافين. سول سوسائٽي جي نمائيندن علي گوهر پنگو. علي محمد پنگو. عبيد الله شر. تاج محمد شر. شڪيل احمد راڄپر. نصيب الله ٻلاڻ. نثار احمد راڄپر. احسان پنگو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ هاڻي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ يا ان جي ڪوريج ڪرڻ بہ ڏوهہ بڻجي ويو آهي. اسانجي سينيئر صحافي منصور ڪنڌ مٿان قومي ڏينهن ملهائڻ ۽ ڪوريج تہ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي هر آئي ڏينهن فيضگنج پوليس باثر وڏيرن جي چرچ تي صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ٿي جيڪو سراسر غلط آهي منصور احمد ڪنڌ سينئر صحافي آهي ان کي هيسائڻ قابل قبول ناهي. مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو تہ صحافي منصور احمد غريب ماروئڙن جو آواز بلند ڪندڙ صحافي آهي ان کي هيسائڻ نامنظور آهي. اسان منصور احمد ڪنڌ ۽ ٻين قومي ڪارڪنن مٿان ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ جي پاداش ۾ جيڪا ڄڙتو ايف آئي آر سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان گهر ٿا ڪريون تہ صحافي منصور ڪنڌ مٿان داخل ڪيل ڪوڙي ڪيس کي فوري طور ختم ڪيو وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 31

جنهن جي شروعات ڪلام پاڪ سان ٿي. جنهن کان پوءِ حمد. نعت. منقبت. قومي ترانو صوفيانہ ڪلام. تقريرون. خاڪا ۽ ڊراما پيش ڪيا ويا. معاشري ۾ نوجوانن جي ڪردار. عورت جي معاشرتي مقام. طاقتور قومن پاران ڪمزور قومن جو استحصال ۽ ٻين سماجي مسئلن کي شاگردن پاران سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبان ۾ لکيل خاڪن ۾ اجاگر ڪيو ويو لاڙ ڪيمپس جي استادن جي وڏي انگ انهي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي پرووائيس چانسيلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪهپاٽي پنهنجي خطاب دوران پاس آئوٽ شاگردن کي تلقين ڪندي چيو تہ هاڻي سندن تعليمي سفر جي اختتام تي انهن مٿان اهو لازم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي معاشري جي ترقي ۽ بهتري لاءِ ڪم ڪن. انهي کان علاوه پاڻ 2023 جي بيچ جي شاگردن کي پليڪار چوندي فرمايو تہ لاڙ ڪيمپس سندس تعليمي سفر ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو جتي کين معياري تعليم ڏني ويندي. آخر ۾ تمام استادن ۽ مهمانن کي مڃتا طور شيلڊون پيش ڪيون ويون. تقريب کي مفتي عبدالغني گرپانگ. فياض ڪنڀار. حميد نرتيار. عرفان جوڻيجو خطاب ڪيو ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

بقايا سنڌيار 32

پٽ جي ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ هڪ دوستاڻا ڪرڪيٽ ميچ ڪرايو ويو. ريجنل ڪيمپس سکر جي ميزباني ۾ شرڪت ڪندڙ هن تقريب ۾ ڪرڪيٽ جي شائقين ۽ ڪلاڙين کي هڪ ڏينهن لاءِ هڪ پرجوش ۽ دوستي جي مقابلي لاءِ گڏ ڪيو. تقريب جو آغاز چيئرمين ٽائون ڪميٽي صالح پٽ. سيد قلندر بخش شاهہ رضوي ۽ ريجنل ڊائريڪٽر علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي سکر. سيد عطا حسين شاهہ موسوي گڏيل طور تي ڪيو ان موقعي تي علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ شريڪ رانديگرن سان ملاقات پڻ ڪئي. علائقي واسين ان دلچسپ ميچ مان خوب لطف ماڻيو ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي سکر جي ريجنل ڪيمپس پاران اهڙي ميچ منعقد ڪرڻ تي سندن ٿورا مڃيا ۽ ساراهيو ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر سيد عطا حسين شاهہ موسوي پنهنجي خطاب ۾ رانديگرن کي خوشين سان گڏ زندگي جي افزائش ۽ انهن جي خاندانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ تعليم جي اهميت تي زور ڀريو. بعد ۾ مڃتا طور تي سيد عطا حسين شاهہ موسوي سڀني رانديگرن جي ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ لاڳاپيل ٽيمن جي ڪپتانن کي ٽرافيون ۽ سوونير مگ پڻ ورهايا. ان شاندار تقريب جي ڪونائڻ جي حوالي سان شريڪ ٿيندڙن صحتمندانہ سرگرمين ۾ هي هڪ خوبصورت اضافو قرار ڏنو. ياد رهي تہ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي پاران گولڊن جوبلي جي تقريبن مان هڪ تقريب هئي.

بقايا سنڌيار 33

ترقي طرف گامزن ٿيندا. سردار لغاري. شاگرد پنهنجي ثقافت سان گڏ تعليم تي بہ توجهہ ڏين : نياز ڏيٿو ڪوشش ڪريون ٿا تہ شاگردن کي سموريون سهولتون مهيسر ڪري ڏيون شيراز جاويد ميمڻ. خبرموجب: شهدادپور جي گورمينٽ عبدالسلام ٿهيم پوليٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ سنڌ جي قومي ثقافت جو ڏهاڙو وڏي جوش جذبي سان ملهايو ويو پرنسيپال سردار خان لغاري. شيراز جايد ميمڻ ۽ اسٽاف جي ميزباني هيٺ ثقافتي سيمنار ٿي گذريو جنهن ۾ خاص مهمان طور شهيد بينظيرآباد ڊويزنل ڊائريڪٽر لال بخش چانڊيو سماجي اڳواڻ نياز ڏيٿو سينيئر صحافي رشيد منگسي صحافي ساجن جاني. عبدالڪريم شهر. حسيب ميمڻ. سنوبر. آزان علي لغاري. شهزاد علي ڏيٿو ۽ ٻين معززين سميت استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو تہ اڳوٽي صوبائي وزير تعليم ۽ اسٽيوٽا جي چيئرمين مرحوم عبدالسلام ٿهيم جيڪو ڀٽو ۾ ڪيو اهو هيٺئر اهو وڏي وڻ ٿي ويو آهي. شهدادپور جي عوام خوشنصيب آهي تہ هن اداري جي انتظاميہ شاگردن استادن ۽ اسٽاف گڏجي جنهن انداز ۾ هي خوبصورت ثقافتي رنگا رنگي تقريب منعقد ڪئي آهي. ان تي کين واڌايون ڏجن ٿيون هن چيو تہ هن اداري اندر جديد ٽيڪنالوجي ذريعي هنري سکيا ڏني وڃي پئي شاگردن کي وڌ کان وڌ سهوليات فراهم ڪيون وڃن پيون تجربيڪار استادن جي ٽيم سميت شاگردن لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهولت مهيسر آهي 3 سالا ڊپلوما مڪمل ڪندڙ شاگرد هنري سکيا ذريعي ملڪ جي ترقي تعمير ۽ خوشحالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ان موقعي تي شاگردن ٽيبلو خاڪا ۽ سنڌي گيت پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو تقريب ۾ آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 34

ختم ڪندي ڪانٽس صحافين آڏو معافي وٺي ڇڏي. ماضي ۾ مخدوم سعيدالزمان پاران سائنس ڪيل زيادتين بعد ان خلاف ڪيل پريس ڪانفرنس ذريعي سندس خلاف جيل القاظن تي محمد بچل مغل معذرت ڪندي ڪانٽس معافي گهرندي هن مخدوم سعيدالزمان پاران سائنس ڪيل سمورين زيادتين تي ڪيس معاف ڪندي سندس پاران ڪيل زيادتين تي معافي گهران ٿو. هن چيو تہ سروري جماعت جو روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جي هر حڪم جو پابند رهندي سندس حڪم تي لبيڪ ڪندو رهندو ۽ اڳوٺين چونڊن ۾ مخدوم هائوس پاران ڪيس کو بہ ڪم ڪارپ نہ چوڻ تي هو خاموش رهندي ۽ مخالفن جي منٿن باوجود سندن مدد نہ ڪئي. هن چيو تہ ايندڙ چونڊن ۾ مخدوم هائوس جي سرواڻ درگاهہ سرورنوح جي گادي نشين مخدوم جميل الزمان مٿس جيڪو بہ ڪم رڪندو هو ان تي عمل ڪندي ورڪ ڪندو ۽ سندس پهرين بہ مرڻ جيئڻ مخدوم هائوس سان هو ۽ هن وقت بہ ساڻن گڏ آهي ۽ گڏ رهندو.

بقايا سنڌيار 35

هن کان موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪئي ۽ هن کي پاٽل اجرڪ بہ ڦورو ڪئي ويا. خبر موجب ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان قلجي اسٽيشن ۾ رٿيل ثقافتي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ بعد برڪت علي جهتيال دادو شهر ڏانهن اچي رهيو هو تہ قلجي اسٽيشن – دادو لنڪ روڊ تي سندس تاڙ ۾ ويٺل اڻڄاتل 3 هٿياربند جن جي هٿن ۾ هڪ ڪلاشنڪوف ۽ 2 عدد ٽي ٽي پسٽل هئا انهن ٻٽ بردار هٿياربندن سندس موٽرسائيڪل کي هٿيارن جي زور تي روڪي هن کي يرغمال بڻايو ۽ ڦورو برڪت علي کان موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦرڪئي ۽ هن کي سردي کان پاٽل اجرڪ بہ ڦرڪيو قلجي اسٽيشن پوليس کي ڦر واقعي جو اطلاع ڏنو ويو ايس ايچ او واقعي واري هنڌ پهچي ڦورن جو پيڇو ڪيو پر ڦورو پوليس کان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. دادو جي صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن آ، جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار کان مطالبو ڪيو آهي تہ صحافي غوث جهتيال جي ننڍي ڀاءُ برڪت علي جهتيال جي ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي ٻئي صورت ۾ 3 ڏينهن بعد دادو پريس ڪلب اڳيان صحافي ۽ سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو ويندو. واضع رهي تہ تازو جوهي ۾ سينيئر صحافي شهمير گاڏهي جي ننڍي ڀاءُ اميربخش گاڏهي جي شهادت جو واقعو پڻ ڦورن ڪيو هو

بقايا سنڌيار 36

شامل آهن کي ٻہ ٽن مهينن کان پگهارون نہ ملي سگهيون آهن ان ڏس ۾ ملازمن طرفان اڱاري واري ڏينهن او پي ڊي ۾ ڊيوٽي جو بائيڪاٽ ڪندي گولاڙچي روڊ واري مڪ دي ايچ ڪيو ڪيمپس کان هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر اخلاق احمد رضوان نظاماڻي واثق ميمڻ ڊاڪٽر نعيم جلباڻي ڊاڪٽر شاهنواز مزاري ڊاڪٽر ملڪ تابش تنذيل الرحمان ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽي ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري گولاڙچي روڊ تي انڊس موڙ وٽ ڌرڻو هڻي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران صحافين سان ڳالهائيندي ملازمن چيو تہ 18 مهينن کان سنڌ حڪومت انڊس اسپتال ڪراچي سان معاهدي تحت فنڊ رليز نہ ڪري رهي آهي جنهن کي ڪراچي اسپتال جي فنڊن مان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر فنڊن جي مسلسل کوٽ سبب اسپتال ۾ مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن ڪافي سهولتون بند ڪرڻيون پيون آهن هنن چيو انڊس اسپتال بدين کي وقت سر فنڊ نہ ملڻ ۽ اسپتال ۾ هلندڙ مالي بحران جون اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ خبرون هلڻ بعد 21 هين نومبر تي وڏي وزير ريٽائرڊ جسٽس مقبول باقر اعلان ڪيو تہ انڊس اسپتال جي رهيل بجيٽ هڪ ارب ڏهہ ڪروڙ روپيا ٻن قسطن ۾ جاري ڪيا وڃن پر 2 مهينا گذرڻ باوجود سنڌ جي فنانس ۽ صحت کاتي ان تي ڪوبہ عمل نہ ڪيو آهي هنن چيو تہ سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کاتن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب سنڌ اسيمبلي ۽ ڪابينا طرفان منظور فنڊ بہ وقت سر نہ ملڻ سبب ضلعي جون ٻہ ڪنٽينر اسپتال بند ٿي 100 ملازم گهر ويڙا ٿي چڪا آهن جڏهن تہ بدين ڪيمپس ۾ ڊيوٽي ڪندڙ 12 سئو ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ سبب مالي پريشانين جو شڪار آهن مهانگائي جي هن دور سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن پر سنڌ حڪومت جي ڪامورن کي ڪير چوڻ وارو نہ آهي هنن مطالبو ڪيو تہ انڊس اسپتال کي سنڌ حڪومت طرفان اعلان ڪيل بجيٽ رليز ڪئي وڃي تہ جيئن مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ملازمن کي بہ وقت سر پگهارون ملنديون رهن هنن ملازمن اهو چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت انڊس اسپتال بدين کي بجيٽ جاري نہ ڪئي تہ اسپتال جا ملازم ڪئمپس کان شهر طرف مارچ ڪري صحافتي ادارن اڳيان ڌرڻو هڻندا جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 37

علماء امن ڪميٽي سنڌ جي اڳواڻن پاران يڪجهتي جو اظهار. مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ۾ سخت نعري بازي ڪئي وئي پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان جدوجهد کي تيز ڪندي مغوين جي بازيابي لاءِ 9ڊسمبر تي حيدرآباد ۽ 11ڊسمبر تي ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران صبح 10وڳي کان 24ڪلاڪن لاءِ احتجاجي ڪئمپ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ڪالهہ احتجاجي ڪئمپ تي جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ حزب جکرو.زبيرحفيظ شيخ . عبدالبار انصاري عبدالستار اخوان. سرفراز احمد. چيئرمين علماء امن ڪميٽي سنڌ مفتي جميل احمد ڪورائي، مولانا محمد يعقوب حيدري. راڻيپور واسي عاشق سوڏڙو. ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪندي حڪومتي رويئي تي افسوس جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ راڻيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل علي اصغر منگريو، محرابپور مان اغوا ڪيل شاگرد علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات جاري احتجاج کي 63 ڏينهن مڪمل ٿي ويا آهن پر مغوين جي بازيابي لاءِ سنڌ حڪومت ڪو نوٽيس نہ ورتو آهي ۽ نہ ئي عدليہ ۽ نہ ئي ڪو انساني حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ اڳواڻ پهتو آهي. احتجاج ۾ شامل ڊاڪٽر نذير ڪوڪر. عطا محمد ڀٽو. زاهد منگريو. جاويد سولنگي. محمد اعظم منگريو ۽ ٻن ميڊيا کي ٻڌايو تہ سکر ۾ 63ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود سنڌ حڪومت ۽ مختلف ضلعن جي پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي بہ اپاءُ نہ وٺڻ افسوسناڪ عمل آهي اهڙي روش مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڪين مظلوم عدم تحفظ جي شڪار عوام جي ڪين ڪابہ فڪر ناهي. سنڌ کي هٿ سان بدامني جي باهہ ۾ اڇلايو ويو آهي سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي سخت مونجهارن ۽ پريشانين جا شڪار آهن پر نگران وفاقي توڙي صوبائي حڪومت احتجاجن باوجود ڪوبہ ايڪشن نہ ٿي وٺي جيڪو سنڌ جي عوام سان وڏو ظلم ۽ زيادتي آهي ڊاڪٽر نذير چيو تہ اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 91ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويو آهي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ سکر جي علائقي سنگرار ۾ باٿر سردار جي قيد مان معصوم نياڻي پريا ڪماري، شڪارپور جي باٿر منگريو ذات جي فردن خاص طور، پوليس پي ڊي ايس پي ڪشمور خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت سنڌ جي اغوا ٿيل سمورن مغوين کي بازياب ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 38

لڳا. ڪاتي جا 200 ملازم ويزا تي چڊيل ڊسپنسريون قائم ڪيل ويران بڻيل آفيسر مال ڪمائڻ ۾ مصروف ڪيترائي ملازم ويزا تي چڊيل جن ۾ ڊرائيور. ڊسپنسرين تي ڪم ڪندڙ اسٽاف ان کان علاوه اير ايس يو سينٽر جا ملازم ۽ ميلائيزرن کان علاوه وجي ڪمار ديوان اسٽيڪل اسسٽنٽ ايس اي ڪافي عرصي کان آفيس کان غائب آهي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر جي آشيرواد سان ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻن لڳا. جڏهن تہ ڏيڍ سال کان ريفر فسليٽيڊ آپريشن ڪرائيندڙ مرد توڙي عورتن جا ملندڙ سرڪار کان پيسا بند ڪري ڊسٽرڪٽ آفيسر پاپوليشن ۽ عملو ملي پڪِٽ ڪري کائڻ لڳا جڏهن تہ ڊوم موبائيل سروس ٻهراڙين ۾ وڃي آپريشن ڪندڙ گاڏي سالن کان مڪمل بند ۽ ناڪارا بڻيل ڊوم گاڏي جي ريپئر بهاني ست لک روپيا خرچ ڏيکاري ڪوڙا ووچر صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ ويندر معرفت بل پاس ڪرائي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر ۽ ٻيو عملو ملي پڪِٽ ڪري ڪائي وڃن ٿا ڊوم گاڏي هن وقت بہ ناڪارا بڻيل آهي گاڏي مان سامان ڪڍي ڊرائيورن وڪرو ڪري ڇڏيو آهي ان کان علاوه بہ گاڏيون بولان جنهن ۾ هڪ بولان گاڏي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ڪراچي ۾ ڪرائي تي هلائي پيسا ڪمائڻ لڳو جڏهن تہ ٻئي بولان گاڏي آفيس جي من پسند ملازم حوالي ڪري مزا ماڻڻ لڳا انهن گاڏين جو تيل ۽ مينٽيننس ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ۽ اڪائونٽنٽ عبدالجبار شيخ گڏا حسين سيال ويگنار گاڏي ۽ ڪوري گاڏين ۾ پرسنل پرائيويٽ طور سرڪاري تي يوز ڪرڻ لڳا. جڏهن تہ جلباڻي سينٽر جي انچارج سندس جڳهہ ۾ قائم ڪيل سينٽرمڪمل بند سينٽر انچارج بلوچستان ۾ شادي ٿيڻ بعد بلوچستان ۾ رهي پگهار ۽ مسواڙ کڻي رهي آهي مگر سينٽر بند پيل آهي ان کان علاوه ڪيترين ئي ڊسپنسرين بند پيل آهن اهي ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي هر مهيني منتقلي آفيس ۾ پهچائن ٿا ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ۽ ٻيو عملو پاڻ ۾ ملي پڪِٽ ڪري سرڪار جي ملندڙ بجيٽ کي چونو لڳائي ويٺا آهن. نوشهروفيروز جي سياسي سماجي علائقي واسين نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي وزيراعليٰ سنڌ گورنمينٽ آف صوبا سنڌڪراچي. سيڪريٽري پاپوليشن گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ريحان اقبال بلوچ. چيئرمين انٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ڪراچي. چيف سيڪريٽري گورنمينٽ آف صوباسنڌ ڪراچي ۽ ٻين ادارن کي گهرجي تہ پاپوليشن کاتي جي ملوث راشي عملي خلاف انڪوائري ڪري قانوني قدم کنيو وڃي

بقايا سنڌيار 39

علماء امن ڪميٽي سنڌ جي اڳواڻن پاران يڪجهتي جو اظهار. مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ۾ سخت نعري بازي ڪئي وئي پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان جدوجهد کي تيز ڪندي مغوين جي بازيابي لاءِ 9ڊسمبر تي حيدرآباد ۽ 11ڊسمبر تي ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران صبح 10وڳي کان 24ڪلاڪن لاءِ احتجاجي ڪئمپ لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ڪالهہ احتجاجي ڪئمپ تي جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ حزب جکرو.زبيرحفيظ شيخ . عبدالبار انصاري عبدالستار اخوان. سرفراز احمد. چيئرمين علماء امن ڪميٽي سنڌ مفتي جميل احمد ڪورائي، مولانا محمد يعقوب حيدري. راڻيپور واسي عاشق سوڏڙو. ۽ ٻين يڪجهتي جو اظهار ڪندي حڪومتي رويئي تي افسوس جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ راڻيپور کان احتجاجي مارچ بعد سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پريا ڪماري رهائي ڪميٽي جي پليٽ فارم تان سکر جي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيل علي اصغر منگريو، محرابپور مان اغوا ڪيل شاگرد علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ ڏينهن رات جاري احتجاج کي 63 ڏينهن مڪمل ٿي ويا آهن پر مغوين جي بازيابي لاءِ سنڌ حڪومت ڪو نوٽيس نہ ورتو آهي ۽ نہ ئي عدليہ ۽ نہ ئي ڪو انساني حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ اڳواڻ پهتو آهي. احتجاج ۾ شامل ڊاڪٽر نذير ڪوڪر. عطا محمد ڀٽو. زاهد منگريو. جاويد سولنگي. محمد اعظم منگريو ۽ ٻن ميڊيا کي ٻڌايو تہ سکر ۾ 63ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود سنڌ حڪومت ۽ مختلف ضلعن جي پوليس اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪي بہ اپاءُ نہ وٺڻ افسوسناڪ عمل آهي اهڙي روش مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ڪين مظلوم عدم تحفظ جي شڪار عوام جي ڪين ڪابہ فڪر ناهي. سنڌ کي هٿ سان بدامني جي باهہ ۾ اڇلايو ويو آهي سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي سخت مونجهارن ۽ پريشانين جا شڪار آهن پر نگران وفاقي توڙي صوبائي حڪومت احتجاجن باوجود ڪوبہ ايڪشن نہ ٿي وٺي جيڪو سنڌ جي عوام سان وڏو ظلم ۽ زيادتي آهي ڊاڪٽر نذير چيو تہ اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي جنهن کي 91ڏينهن مڪمل ٿيا آهن اسان جي احتجاج کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويو آهي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي تہ سکر جي علائقي سنگرار ۾ باٿر سردار جي قيد مان معصوم نياڻي پريا ڪماري، شڪارپور جي باٿر منگريو ذات جي فردن خاص طور، پوليس پي ڊي ايس پي ڪشمور خالد منگريو جي قيد مان اصغر منگريو سميت سنڌ جي اغوا ٿيل سمورن مغوين کي بازياب ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 40

جي پرنسپل پير نيازجان سرهندي، تي نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمنٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڊوڪيٽ واجد حسين نوتڪاڻي، ڊپٽي ڊائريڪٽر امتياز علي رند، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر حبيب الله جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ رضاڪار معاشري جو اهم حصو هوندو آهي جيڪو بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي سماج جي سڌاري لاءِ مسلسل جاکوڙ ڪندو رهندو آهي رضاڪار ڪنهن بہ سماج جو قيمتي اثاثو هوندا آهن جيڪي بنا ڪنهن لالچ ۽ لالچ جي سماج جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن. اسان وٽ ڪيترين ئي رضاڪار تنظيمون منظم طريقي سان ڪم ڪري رهيون آهن جيڪي رات هجي يا ڏينهن. آفتون هجن يا سانحو حب الوطني ۽ انسانيت جي بچاءُ وارن ڪمن ۾ اڳڀرو رهنديون آهن جنهن ۾ سفت ، آساني ويلفيئر. راهہ منزل ۽ ٻيون سماج سڌارڪ رضاڪارن جي تنظيمون شامل آهن رضاڪار ماڻهن جو بنيادي مقصد ئي آهي تہ پنهنجون خدمتون ڪارآمد شهرين جي حيثيت ۾ پيش ڪن ۽ ماڻهن جي بي لوث مدد ڪن. اهڙي ريت رضاڪار هميشہ انسانيت جي بنا مٿبيد خدمت ڪندا رهڻ ٿا جنهن جي جيترو ساراهہ ڪجي گهٽ آهي ان موقعي تي تعليمي رضاڪار جو اعزازي سرٽيفڪيٽ عارف قريشي کي ڏنو ويو

گمشدگيءَ جو اطلاع

ڪيس الزام نمبر: 230/2023 بجرم دفعہ 365_B ت پ پوليس اسٽيشن چاڪيواڙا ڪراچي

واقعي جي تاريخ ۽ وقت: 2023_07_22 وقت 9:30 وڳي کان 10:30 وڳي

رپورٽ جي تاريخ وقت: 2023_10_13 وقت 1900 پوي

واقعي جي جاءِ: گهر جي اندر مدعي جي گهر واقع گلي نمبر 06 مدينہ مسجد روڊ گلستان ڪالوني لياري ڪراچي.

مدعيت: عالمگير ولد عالم زيب رهندڙ مڪان واقع گلي نمبر 06 مدينہ مسجد روڊ گلستان ڪالوني لياري ڪراچي

مغويہ: مسمات ملائڪ ڌيءُ عالمگير عمر 18 سال (بازياب ناهي ٿي)

ملزم: نامعلوم (گرفتار نہ ٿيا.



هر خاص ۽ عام کي اطلاع

ڏنو ٿو وڃي تہ ملائڪ ڌيءُ عالمگير عمر 18 سال کي نامعلوم ملزم ورغلائي شادي يا زنا جي نيت سان اغوا ڪري وٺي ويا آهن. گذارش آهي تہ جيڪڏهن ملزم /ملزمن يا مغويہ جي باري ۾ ڪنهن کي معلوم هجي تہ پوليس اسٽيشن نيپيئر جي فون نمبر 021_99332185 يا مونکي IO ڪيس ايس آءِ تاج نبي خان جي فون نمبر 0333_2198614 تي آگاهہ ڪيو وڃي. ٻڌائڻ واري جو نالو راز ۾ رکيو ويندو

SI تاج نبي خان (INV)

پوليس اسٽيشن نيپيئر ڪراچي

فون نمبر: 0333-2198614

INF/KRY.No.4595/23

پڙهندي سنڌ تہ …………… وڌندي سنڌ

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن



روزاني سنڌيار Reg No 2677 ABC Certified ايڊيٽر اعجاز مهر ڪراچي Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com